ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اربع پهرين اپريل 2026ع 12 شوال المڪرم 1447 هہ صفحا 6 - ملهہ 30 روپيہ شمارو (226)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

سنڌ ڪابينا ۾ اهم ترقياتي رٿائن جي منظوري، ڪڻڪ جي امدادي قيمت 3500 رپيا في مڻ مقرر

وڏي وزير جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ مضبوط حڪمراني قائم ڪرڻ، بنيادي ڍانچي کي بهتر بڻائڻ، خوراڪ جي تحفظ، سماجي ۽ اقتصادي ترقي وارن رٿائن جي منظوري ڏني وئي

ڪچي وارن علائقن ۾ هلندڙ اختلافن کي ختم ڪرڻ، قانوني رهواسين جي سڃاڻپ ۽ غيرقانوني قبضا ختم ڪرڻ لاءِ سروي، زمين جو رڪارڊ ڊجيٽل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

ڪچي وارن علائقن جو سروي جديد جغرافيائي ٽيڪنالاجي، سيٽلائيٽ تصويرون، جي آءِ ايس ميپنگ ۽ جديد جغرافيائي اوزار استعمال ڪندي ڪيو ويندو منصوبو ٽن مرحلن ۾ مڪمل ٿيندو

ڪي-فور پاور رٿا لاءِ مالي سهائتا تحت 13.9 ارب رپين جي گرانٽ منظور، موجوده مالي سال ۾ 3.47 ارب رپيا فيز ون لاءِ جاري ڪيا ويندا، ايندڙ بجيٽ ۾ فيز ٽو لاءِ 10.43 ارب رپيا مختص

هلندڙ سال صوبي هڪ ملين ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ خريد ڪرڻ جو هدف رکيو ويو امدادي قيمت 3,500 رپيا في مڻ مقرر خريداري رڳو رجسٽرڊ ٿيل 332,000 هارين کان ڪئي ويندي

صوبي ۾ اربين رپين جي بنيادي انفراسٽرڪچر ۽ ترقياتي اپائن جي توثيق ڪئي وئي، دراز شريف ۾ لائبريري قائم ڪرڻ ۽ پٽائي جي درگاهہ تي انفراسٽرڪچر جي بهتري لاءِ وڏي رقم منظور

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جي صدارت هيٺ صوبائي ڪابينا جي اجلاس ۾ ڪيترن ئي اهم پاليسي فيصلن ۽ ترقياتي اپائن جي منظوري ڏني وئي، جن جو مقصد مضبوط حڪمراني قائم ڪرڻ، بنيادي ڍانچي کي بهتر بڻائڻ، خوراڪ جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ، سماجي ۽ اقتصادي ترقي کي تيز ڪرڻ آهي. وزيراعليٰ هائوس ۾ رٿيل اجلاس ۾ صوبائي وزيرن، صلاحڪارن، خاص معاونن، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهہ، پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف عباس ۽ ٻين اعليٰ آفيسرن شرڪت ڪئي. ڪچي جي علائقن جو سروي: سنڌ ڪابينا اصولي طور تي ڪچي وارن علائقن يعني دريائي علائقن جو جامع سروي ڪرائڻ جي منظوري ڏني تہ جيئن امن امان جي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير سنڌ مراد علي شاهہ اجلاس جي صدارت ڪندي

وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ جي عام چونڊن ۾ تڪ اين اي 127 تان ڪاميابي خلاف درخواست رد

لاهور (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ جي عام

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

بيجنگ: پرڏيهي وزير اسحاق ڊار چين جي پرڏيهي وزير وانگ يي سان ملاقات ڪندي

اوگرا ايل پي جي اگهن ۾ وڏي واڌ ڪري ڇڏي

ايل پي جي اگهہ ۾ في ڪلو 78 رپيا 28 پئسا واڌ: نوٽيفڪيشن جاري

في ڪلو ايل پي جي جي نئين قيمت 304 رپيا 12 پئسا مقرر ڪئي وئي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آئل اينڊ

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

چيني ڪمپني جا 2 ڪنٽينربردار جهاز آبناءِ هرمز پار ڪري ويا

ٻئي جهاز هاڻي ملائيشيا جي بندرگاهہ پورٽ ڪلانگ ڏانهن روانا آهن

بيجنگ (ر ڊ) چين جي وڏي شپنگ

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ۽ اسرائيل جا ايران تي 2 هزار پائونڊ وزني بمن سان خوفناڪ حملا، جواب ۾ اسرائيل جي شهري علائقن تي بہ بمباري

ايران ۾ اٽڪل 40 هٿيار ٺاهڻ ۽ تحقيقاتي مرڪزن تي حملا ڪيا ويا، اصفهان ۾ ڌماڪن جي وڊيو ڊونلڊ ٽرمپ پنهنجي سوشل ميڊيا اڪائونٽ تان بہ شيئر ڪئي، زمين اندر ڏاڪن تي بمباري ڪئي وئي

وچ اوڀر ۾ صورتحال انتهائي خطرناڪ موڙ تي پهچي وئي، جتي ايران پاران اسرائيل جي شهري علائقن تي سڌي ميزائل بمباري ڪئي وئي، ڪچي تيل سان ڀريل آئل ٽينڪر کي نشانو بڻايو ويو

اصفهان ۾ موجود ايراني هٿيارن جي ذخيرن کي ”بنڪر بسٽر“ بمبن ذريعي نشانو بڻايو ويو، 30 ملين ڊالر ماليت جو آمريڪي ريپر ڊرون ڪيرائڻ جي دعويٰ، اسرائيلي فوجين جي مارجڻ جا اطلاع

سمنڊن ۾ تيل جي جهازن کي نشانو بڻائڻ جي واقعن عالمي واپار کي پريشاني ۾ وجهي ڇڏيو، دبئي ويجهو ڪويتي تيل جي جهاز تي ڊرون حملي کانپوءِ باهہ لڳڻ واري واقعي وڏي ڇڪتاڻ پيدا ڪري ڇڏي

ايران جي هٿياربند فوج آپريشن ’وعده صادق 4‘ جي 88هين لهر ۾ آمريڪي ۽ صهيوني هدفن خلاف گڏيل ۽ گهڻ رخي ڪارروائيون ڪيون، انهن کي لبنان ۾ حزب الله جي شهيدن جي نالي منسوب ڪيو ويو

ايران پنهنجي حڪمت عملي ۾ تبديلي آڻي جديد ميزائل سسٽم استعمال ڪرڻ شروع ڪيا آهن ۽ مزاحمتي محاذ ذريعي جنگ جو دائرو وڌايو پيو وڃي، دشمن جي فوجي طاقت کي وڌيڪ هيٺ ڪيو ويو آهي: ايران

تهران/واشنگٽن/تل ابيب/لنڊن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وچ اوڀر ۾ صورتحال انتهائي خطرناڪ موڙ تي پهچي وئي آهي، جتي ايران پاران اسرائيل جي شهري علائقن تي سڌي ميزائل بمباري ڪئي وئي آهي، جنهن جي جواب ۾ اصفهان ۾ موجود ايراني هٿيارن جي ذخيرن کي ”بنڪر بسٽر“ بمبن ذريعي نشانو بڻايو ويو آهي. اسرائيلي فوج تهران ۾ ميزائل لاهڻ وارين ڏاڪن کي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

هر ڪو هاڻ پاڻ وڃي وڙهي، اسان ڪنهن جي بہ مدد نہ ڪنداسين: آمريڪي صدر

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران ايران جنگ ۾ شامل نہ ٿيڻ تي برطانيا ۽ فرانس تي سخت تنقيد

فرانس ايران جي سامونڊي ڏاڙيلن جي حوالي سان تمام غير مددگار رهيو، اهو ياد رکيو ويندو: صدر ٽرمپ

ايران بنيادي طور تباهہ ٿي چڪو آهي، ڏکيو مرحلو مڪمل ٿي ويو، هاڻي وڃي پنهنجو تيل پاڻ حاصل ڪريو

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران جنگ ۾ شامل نہ ٿيڻ تي برطانيا ۽ فرانس تي سخت تنقيد

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنرز ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرز ۽ مختيارڪارن جون بدليون

سکر، گڏاپ، صالح پٽ، ڪورنگي، لانڍي، ملير، شڪارپور، سجاول ۽ ٻين شهرن جا عملدار تبديل

مختلف عملدارن کي [illegible] رپورٽ ڪرڻ لاءِ چيو ويو، سندن جاءِ تي نوان آفيسر مقرر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت 10

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ايران ۾ ڪرغزستان جي سفارتخاني جون سرگرميون عارضي طور تي معطل

بشڪيڪ (اي پي پي) ڪرغزستان چيو

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

اصفهان: اصفهان ۾ ڌماڪي کان پوءِ دونهين ۽ باهہ جا ڪڪر اڀري رهيا آهن

وچ اوڀر امن لاءِ پاڪستان ۽ چين پنج نڪاتي منصوبو پيش ڪري ڇڏيو

نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار بيجنگ ۾ چيني هم منصب وانگ يي سان ملاقات ڪئي

ٻنهي ملڪن تڪرار کي وڌڻ کان روڪڻ، متاثر علائقن ۾ انساني امداد جاري رکڻ ۽ امن لاءِ گڏيل منصوبو پيش ڪيو

توانائي، پاڻي صاف ڪرڻ وارن پلانٽن، بجلي گهرن ۽ پرامن جوهري ڏاڪن جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ تي پڻ زور ڏنو ويو

اسلام آباد/بيجنگ (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان ۽ چين وچ اوڀر ۾ امن لاءِ پنج نڪاتي گڏيل منصوبو پيش ڪري ڇڏيو آهي. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزيراسحاق ڊار بيجنگ ۾ چيني هم منصب وانگ يي سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ ٻنهي ملڪن

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ايران جا وچ اسرائيلي علائقن تي ميزائل حملا، 11 ڄڻا زخمي

تل ابيب، بني براڪ ۽ پيتاح تڪوا سميت مختلف شهرن تي ميزائيل حملا

تل ابيب (ر ڊ) تل ابيب، بني براڪ ۽ پيتاح تڪوا سميت مختلف علائقن ۾ ميزائل ڪرڻ جا اطلاع مليا آهن. رپورٽ

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

جبري مذهب تبديلي تي 5 سال قيد ۽ ڏنڊ جي سزا جو بل جمع

اقليتن جي حقن جي تحفظ جو بل پنجاب اسيمبلي ۾ جمع ڪرايو ويو

جبري تبديلي مذهب ڪرائڻ تي 5 سال قيد ۽ ڏنڊ جي سزا تجويز ڪئي وئي

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پنجاب مذهب جي جبري تبديلي تي 5 سال قيد ۽ ڏنڊ جي سزا جي تجويز سان اقليتن جي حقن

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

گهرو وزير سان برطانيا جي ڊپٽي هاءِ ڪمشنر جي ملاقات، گڏيل تعاون تي اتفاق

ملاقات دوران امن امان، سيڪيورٽي تعاون ۽ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي ڳالهيون

برطانوي حڪومت عوامي ڀلائي ۽ سيڪيورٽي وارن قدمن ۾ سهڪار جاري رکندي: لانس ڊومر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

پاڪستان، ترڪي، سعودي ۽ مصر طرفان اسلامي دنيا جو دفاعي اتحاد ٺاهڻ جون تياريون

ترڪي، پاڪستان، سعودي عرب ۽ مصر هڪ ”دفاعي اتحاد“ ٺاهڻ وڃي رهيا آهن: ترڪ حڪومت جي حامي اخبار ترڪيہ

چئن ملڪن جي نمائندن واري اجلاس جو مرڪز ايران جي جنگ، ان جا اثر ۽ ملڪن وچ ۾ امڪاني فوجي هم آهنگي هو

اسلام آباد ۾ ڪيترائي اصولي فيصلا ڪيا ويا ۽ ان ڳالهہ تي اتفاق ڪيو ويو تہ ايندڙ اجلاس ترڪي ۾ ٿيندو: سيڪيورٽي ذريعا

لنڊن/انقرا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ترڪ حڪومت جي حامي اخبار ”ترڪيہ“ چيو آهي تہ اسلام آباد ۾ ايران جنگ بابت ٿيل

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم محمد شهباز شريف پيٽروليم شين جي سپلاءِ چين ۽ ڪفايت شعاري جي قدمن تي اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪراچي ۾ جنرل ڪائونسل جو ساليانو اجلاس منعقد، گڏيل طور تي عهديدار چونڊيا ويا

اي پي اين ايس پاران اخبارن جون رهيل بقايائون جلد ادا ڪري اشتهارن جو انگ وڌائڻ جو مطالبو

اجلاس ۾ موجوده معاشي صورتحال ۾ پرنٽ ميڊيا جي خراب حالتن تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو

اخبارون سخت مالي بحران جو شڪار ۽ ڪيترائي ادارا تباهي جي ڪناري تي آهن: صدر سينيٽر سرمد علي

پرنٽ ميڊيا لاءِ اشتهارن جو الڳ حصو مقرر ڪري، ڊان گروپ مٿان اشتهارن جي پابندي ختم ڪئي وڃي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي جي جنرل ڪائونسل جو ساليانو اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ هلندڙ سال لاءِ متفقہ طور سينيٽر سرمد علي کي صدر محترمہ ناز آفرين سهگل لاکاڻي کي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

WELCOME
APNS
ANNUAL GENERAL COUNCIL MEETING
ڪراچي: آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي جي جنرل ڪائونسل جو ساليانو اجلاس ۾ چونڊيل عهديدار صدر سينيٽرسرمد علي سينيئر نائب صدر ناز آفرين سهگل لاکاڻي، نائب صدر شهاب زبيري،سيڪريٽري جنرل محمد اطهر قاضي جوائنٽ سيڪريٽري محسن بلال کي ۽ نويد ڪاشف جو گروپ فوٽو، عبرت جو سرواڻ قاضي اسد عابد ۽ ٻيا گڏ ويٺل آهن

رڳو پاڪستان نہ پر سڄي دنيا جنگي صورتحال سبب چئلينجن کي منهن ڏئي رهي آهي: شرجيل ميمڻ

صدر آصف علي زرداري جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ موجوده حالتن کي نظر ۾ رکندي فيصلا ڪيا ويا

سنڌ ڪابينا ايس ڊي جيز تحت 98 اسڪيمون منظور ڪندي 4.33 ارب رپيا مختص ڪيا آهن

صوبي ۾ هاري ڪارڊ ذريعي هڪ ملين ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ خريد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي

ڪچي وارن مختلف ضلعن ۾ پوليس جي آپريشن دوران 393 ماڻهن هٿيار ڦٽا ڪيا آهن: ضياءُ الحسن لنجار

ڪراچي (رپورٽ : راهب گاهو) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ سنڌ حڪومت طرفان ڪفايت شعاري قدمن تحت فيصلو ڪيو ويو آهي تہ ڪوبہ کاتو بجيٽ کان ٻاهر رقم حاصل ڪرڻ لاءِ

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران گهٽ آمدني وارن طبقن کي ريليف ڏيڻ لاءِ تجويزون پيش ڪرڻ جون هدايتون

وزيراعظم جي صدارت ۾ پيٽروليم مصنوعات جي سپلاءِ چين، بچت ۽ ڪفايت شعاري لاءِ جاري قدمن بابت اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ گهٽ آمدني وارن طبقن کي موجوده صورتحال جي ڏس ۾ ريليف پهچائڻ جي حوالي سان قدمن جو جائزو ورتو ويو

وفاقي حڪومت جي وقت سر فيصلن جي ڪري پيٽروليم مصنوعات جي ملڪي ضرورتن جي لاءِ مناسب مقدار موجود آهي: بريفنگ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف گهٽ آمدني وارن طبقن کي موجوده صورتحال جي ڏس ۾ ريليف پهچائڻ جي لاءِ لاڳاپيل وزارتن کي صوبن سان مشاورت ڪانپوءِ جامع تجويزون پيش

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

خيرپور جي عدالت پاران منشيات جو ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي 14 سال قيد ۽ 3 لک رپيا ڏنڊ جي سزا

خيرپور (ڊ ر) خيرپور جي فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج لياقت علي ڪوسو جي عدالت ۾ سال اڳ ڀريالو ٿاڻي تي داخل منشيات جي ڪيس جي ٻڌڻي ٿي گذري جنهن

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ 2 اپريل کان تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان برسات جا امڪان

3 کان 4 اپريل تائين برساتن جي شدت وڌڻ جو امڪان آهي: موسميات کاتو

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) اولهہ جو برسات وارو سسٽم صوبي سنڌ ۾ اڄ 1 اپريل جي شام کان داخل ٿيڻ

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي

سجاول ويجهو درياهہ سنڌ ۾ ٻيڙي حادثي جي چوٿين لاپتا شخص جو لاش هٿ آيو

پاڪ نيوي جي ڪوشش سان ٻن ڏينهن بعد حبيب الله منارو جو لاش هٿ آيو

سجاول (ڊ ر) سجاول لڳ ڳوٺ يعقوب منارو ويجهو درياءَ سنڌ ۾ ٻہ ڏينهن اڳ ٻيڙي اونڌي ٿيڻ جي واقعي ۾ لاپته ٿيل

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير اورنگزيب خيبرپختونخواهہ جي وڏي وزير سهيل آفريدي سان ملاقات ڪندي

نياڻين کي باختيار بڻائڻ ۽ گهريلو تشدد جي روڪٿام لاءِ گهر گهر آگاهي مهم هلائڻ جو فيصلو

ڪراچي ۾ سنڌ ڪميشن آن دي اسٽيٽس آف وومين ۽ ليگل ايڊ سوسائٽي پاران پاليسي ڊائلاگ منعقد

گهريلو تشدد روڪڻ لاءِ پوليسنگ نظام ۾ بهتري، ضلعي سطح تي تحفظ لاءِ نظام قائم ڪرڻ جي تجويز

وومين ڊولپمينٽ کاتي پاران ليڊي هيلٿ ورڪرز ذريعي گهر گهر آگاهي مهم هلائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي سطح جو پاليسي ڊائلاگ سنڌ ڪميشن آن دي اسٽيٽس آف وومين (SCSW)، ليگل ايڊ سوسائٽي (LAS)جي سهڪار سان آواز دو پروگرام تحت ڪيو ويو جنهن کي ڪيٽر

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

عدالتن ۾ انصاف جي فراهمي ۾ وڪيل برادري جو ڪردار تمام گهڻو اهم آهي: گورنر

ملڪ جا وڪيل قائداعظم محمد علي جناح جا وارث آهن، پيشي جي شان کي برقرار رکن

پاڪستان خطي ۾ هڪ پرامن ملڪ آهي، ڪجهہ عالمي عنصر انتشار پکيڙڻ چاهين ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ سيد

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: نيب چيئرمين اسپيڪر اياز صادق کي ساليانو رپورٽ - 2025 پيش ڪندي

ميرپورخاص بورڊ ۾ بدعنواني: ڪنٽرولر امتحان انور عليم خانزادو برطرف

ميٽرڪ ۽ انٽر جي نتيجن ۾ ڦير ڦار ۽ جعلي سرٽيفڪيٽن جي معاملي تي قدم کنيو ويو

جاچ رپورٽ ۾ ڪنٽرولر امتحان تي نتيجن ۾ وڏي پيماني تي ٽيمپرنگ جا الزام ثابت ٿيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص بورڊ ۾ ميٽرڪ ۽ انٽر جي نتيجن ۾ بدعنواني سبب ڪنٽرولر امتحانات انجنيئر انور عليم

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي شهرين کي معياري طبي سهولتون ڏيڻ پهرين ترجيح آهي: مرتضيٰ وهاب

پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت بلديہ اسپتال جون سڀئي سهولتون بهتر بڻايون پيون وڃن

صحت کاتي ۾ انقلابي تبديليون آڻي سڀ وسيلا شفاف انداز ۾ استعمال ڪيا پيا وڃن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

سنڌ پوليس ميوزيم کي جديد گهرجن سان هم آهنگ ڪيو ويندو: جاويد عالم اوڍو

اجلاس ۾ ميوزيم جي قيام، مقصدن ۽ ناياب شين، تاريخ، هٿيارن، دستاويزن، تصويرن بابت بريفنگ ڏني وئي

ميوزم پوليس جي مثبت تصوير کي فروغ ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو: آءِ جي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت هيٺ سنڌ پوليس ميوزيم کي جديد گهرجن سان هم آهنگ

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پوليس ميوزيم بابت اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ملڪ ۾ پيٽروليم شين ۽ سولر سسٽم وڌيڪ مهانگو ٿيڻ جو خدشو

آءِ ايم ايف جا سخت شرط: ننڍن ڪاروبارن ۽ نون گهرن تي بہ ٽيڪس لڳائڻ جو مطالبو

نئين وفاقي بجيٽ ۾ ٽيڪس اوڳاڙين جو هدف 15 هزار 600 ارب رپين کان وڌيڪ رکڻ جي تجويز

مالي سال جي پهرين 9 مهينن ۾ ٽيڪس اوڳاڙي ۾ گهٽتائي 600 ارب رپين کان وڌڻ جو خدشو آهي: ايف بي آر

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ (آءِ ايم ايف) پيٽروليم شين ۽ سولر سسٽم تي 18 سيڪڙو جي ايس ٽي لاڳو ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي جنهن ڪانپوءِ پيٽروليم شين ۽ سولر سسٽم وڌيڪ مهانگي ٿيڻ جو خدشو آهي. آءِ ايم

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ملير ۾ واٽر بورڊ جي کليل پاڻي لائن ۾ ڪري پيل پيءُ ۽ پٽ کي ريسڪيو ٽيم بچائي ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گهگهر سيمينٽ

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ انسانيت جو خوبصورت مثال، معصوم ٻارڙي زينب بتول ايران ۽ لبنان جي جنگي متاثرن لاءِ پنهنجي عيدي عطيو ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ انسانيت

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽي وڏي جماعت آهي عوام جي خدمت ڪرڻ منهنجو فرض آهي: جميل سومرو

سوشل ميڊيا تي منهنجي خلاف ڪردار ڪشي ڪندڙن کي لاڙڪاڻي جو منهن ڏسڻو پوندو

لاڙڪاڻي جي رائيس ڪئنال جي ڪپ کي پڪو ڪري ديوار ٺاهي گرين بيلٽ قائم ڪيو ويندو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي پوليٽيڪل سيڪريٽري ايم پي اي جميل احمد سومرو سان ڳالهہ لاڙڪاڻو پريس ڪلب جي صدر نويد لاڙڪ جي اڳواڻي ۾ صحافين جي وفد ملاقات ڪئي ان موقعي تي ايم پي اي جميل

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ايران ۾ اسرائيل جي حملي ۾ شهيد ٿيل پاڪستاني شهري ياسر خان جو مڙهه وارثن حوالي

شهيد جو مڙهه تافتان بارڊر تان آندو ويو جنهن وارثن ۽ ايڌي سينٽر جي عملي وصول ڪيو

مڙهه کي ايڌي ايمبولينس ذريعي ڪراچي لاءِ روانو ڪيو ويو آهي، ٻئي زخمي اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) 23 مارچ تي ايران

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ايئرپورٽ تي ڪارروائي، سعودي عرب ۾ سرگرم ٻہ پيشور فقير گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) فيڊرل

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪويت: دبئي بندرگاهہ ويجهو خام تيل جي ٽينڪر السلامي تي حملي بعد دونهون اڏري رهيو آهي

سنڌ ۾ نئون تعليمي سال اڄ کان شروع، اسڪولن ۾ هفتي جا ٻہ ڏينهن موڪل جو فيصلو

اسٽيئرنگ ڪميٽي جي فيصلي تي عمل ڪندي تعليمي سال باقاعده پهرين اپريل کان شروع ڪيو پيو وڃي

ڪفايت شعاري قدمن تحت اسڪولن ۾ ٻہ ڏينهن جمع ۽ ڇنڇر موڪل جو فيصلو ڪيو ويو آهي: سردار شاهہ

استادن جي محنت، شاگردن جي دلچسپي ۽ والدين جي جذبي لاءِ نيڪ تمنائون آهن: صوبائي وزير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ۾ نئون تعليمي سال اڄ پهرين اپريل کان شروع ٿيندي جڏهن تہ اسڪولن ۾ هفتي ۾ ٻہ ڏينهن موڪل ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

وقت سر ۽ اثرائتي انصاف جي فراهمي آئيني گهرجن ۽ عدليہ جي بنيادي ذميواري آهي: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي

چيف جسٽس آف پاڪستان عدالتي سڌارن تحت ريفارم ايڪشن پلان تي اڳڀرائيءَ جي جائزه اجلاس جي صدارت ڪئي

عدالتي نظام کي جديد رُخن تي آڻڻ، ڪيسن جي وقت سر فيصلن ۽ عوامي سهولتن ۾ بهتريءَ بابت قدمن جو جائزو ورتو

اسلام آباد (اي پي پي) چيف جسٽس آف سپريم ڪورٽ جسٽس يحيٰ آفريدي چيو آهي تہ وقت سر ۽ اثرائتي انصاف جي فراهمي آئيني گهرجن ۽ عدليہ جي بنيادي ذميداري آهي جاري پڌرائيءَ موجب انهن خيالن جو اظهار هن ڪالهہ عدالتي سڌارن تحت ريفارم ايڪشن پلان تي اڳڀرائيءَ جي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جو چين جي پرڏيهي وزير پاران شاندار استقبال

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جو چين جي پرڏيهي وزير وانگ يي بيجنگ ۾

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

اوقاف کاتي جي ملڪيتن کي نون ڪرائين تي ڏيڻ لاءِ فوري عمل ڪيا وڃن: رياض شاهہ شيرازي

اجلاس ۾ آفيسرن ۽ عملي جي ڊيو پروموشنز جي عمل کي جلد مڪمل ڪرڻ جي هدايت

منگهوپير درگاهہ جي خستہ حال پٽ جي نئين سر تعمير جي باضابطہ منظوري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهہ شيرازي جي صدارت هيٺ سنڌ اسيمبلي جي ڪميٽي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

جنگ کي جواز بڻائي تعليمي ادارا بند ڪرڻ سان نوجوانن جو نقصان ٿيندو: پروفيسر رئيس منصوري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) تنظيم اساتذه سنڌ ٽاپ جي صدر پروفيسر رئيس احمد منصوري چيو آهي تہ آمريڪا-ايران جنگ

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چيف جسٽس ڏهين انٽرايڪٽو سيشن جي صدارت ڪندي

”سفارتي رستو اختيار ڪريو نہ تہ زميني ڪارروائي ڪنداسين“ آمريڪي وزير دفاع جو ايران کي چتاءُ

ضرورت پئي تہ آمريڪي فوج ايران ۾ زميني ڪارروائي لاءِ بہ مڪمل طور تيار آهي: پينٽاگون ۾ پريس ڪانفرنس

ايران جي فضائي حدن ۾ بہ ڪارروائيون جاري آهن، اسان وٽ گهڻا آپشن موجود آهن پر ايران وٽ آپشن محدود آهن

واشنگٽن (ويب ڊيسڪ) آمريڪي بچاءُ واري وزير پيٽ هيگسيٿ چيو آهي تہ ايران سفارتي رستو اختيار ڪري نہ تہ سندس انفراسٽرڪچر تي حملن جو دائرو وڌايو ويندو پينٽاگون ۾ پريس ڪانفرنس دوران پيٽ

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ۽ رومانيہ جي بندرگاهہ قسطنطنه وچ ۾ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون

معاهدي تحت بندرگاهي آپريشنز، انجنيئرنگ، ٽيڪنالاجي، مالي معاملن، سامونڊي تعليم ۾ تعاون وڌايو ويندو

ٻنهي ڌرين پاران پائيداري کي بدلجندڙ عالمي واپاري حالتن ۾ انتهائي اهم ۽ بروقت قرار ڏنو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پورٽ ٽرسٽ (KPT) ۽ رومانيہ جي بندرگاهہ قسطنطنه وچ ۾ سامونڊي تعاون، واپاري لاڳاپن ۽

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

سنڌي ادبي بورڊ پاران ناميارا تاريخدان، محقق پير حسام الدين راشدي جي 44 ورسيءَ جي موقعي تي سندس نئون ڪتاب شايع ڪيو ويو

ڄام شورو (ڊ ر) سنڌي ادبي بورڊ پاران

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ 17 ضلعن ۾ بلدياتي ادارن جي 45 خالي سيٽن تي ضمني چونڊن جو شيڊول جاري

اليڪشن ڪميشن طرفان جاري ڪيل شيڊول موجب چونڊ عمل سڀاڻي 2 اپريل کان شروع ٿيندو

اميدوار 6 کان 8 اپريل تائين نامزدگي ڪاغذجمع ڪرائيندا جانچ پڙتال 13 کان 15 اپريل تائين ٿيندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ۾ ضمني بلدياتي چونڊن لاءِ شيڊول جاري ڪيو ويو آهي، جنهن تحت صوبي جي 17 ضلعن ۾ بلدياتي ادارن جي 45 مختلف خالي ٿيل نشستن تي چونڊون 17 مئي تي منعقد

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ فائر سيفٽي قانونن تي عملدرآمد نہ ڪرڻ خلاف ڪريڪ ڊائون، 200 دڪان سيل

اسسٽنٽ ڪمشنر جي اڳواڻي ۾ انتظاميا پاران فائر سيفٽي قاعدن تي عمل نہ ڪندڙن خلاف سخت قدم کنيو ويو

هاشو سينٽر ۾ اڳواٽ نوٽيس ۽ تنبيهہ باوجود عملدرآمد ڪرڻ تي 200 دڪانن کي سيل ڪيو ويو

سمورا ڊپٽي ڪمشنر پنهنجي علائقن ۾ عمارتن کي فائر سيفٽي قاعدن تي عمل ڪرڻ جا پابند بڻائين: ڪمشنر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ فائر سيفٽي قانونن تي عملدرآمد نہ ڪرڻ خلاف انتظاميا جو ڪريڪ ڊائون جاري، ڪراچي شهر ۾ فائر سيفٽي قاعدن تي عمل نہ ڪندڙن خلاف انتظاميا سخت قدم کڻندي هاشو سينٽر جون لڳ ڀڳ 200 دڪان سيل ڪري ڇڏيا آهن اسسٽنٽ ڪمشنر صدر غضنفر پراڻ ڪارروائي ڪندي ٻڌايو

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

اسلام ڪوٽ ۾ ٻجير برادري جي ماڻهن سروي ٻني تي قبضو خلاف احتجاج

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ ۾ ٻجير برادري جي ماڻهن پاران سروي ٻني تي قبضو ڪندڙن خلاف احتجاج. انهي سلسلي ۾ احتجاج ڪندڙن خميسو ٻجير،حيدر ٻجير،قربان ٻجير،اسلم ٻجير،لالو

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: اين ڊي ايم اي هيڊ ڪوارٽر ۾ اسٽريٽجڪ جائزو ورتو پيو وڃي

بقايا 1 بمباري

نشانو بڻائڻ جي دعويٰ ڪئي آهي جڏهن ته اٽڪل 40 هٿيار ڊاهڻ ۽ تحقيقاتي مرڪزن تي حملا ڪيا ويا. اصفهان ۾ ڌماڪن جي وڊيو ڊونلڊ ٽرمپ پنهنجي سوشل ميڊيا اڪائونٽ تان به شيئر ڪئي، آمريڪي اخبار موجب، 2 هزار پائونڊ وزني بم سان هٿيارن جي ذخيرن کي نشانو بڻايو ويو. هڪ آمريڪي اهلڪار وال اسٽريٽ جرنل کي ٻڌايو ته اصفهان ۾ 2000 ڪلوگرام وزني بنڪر بسٽر بم استعمال ڪيو ويو ۽ زمين اندر موجود ٽاڪن کي تباهه ڪندڙ گولا بارود به استعمال ڪيو ويو. آمريڪا ۽ اسرائيل طرفان اصفهان تي بمباري کي ايران خلاف جاري جنگ ۾ هينئر تائين سڀ کان خطرناڪ بمباري قرار ڏنو پيو وڃي. ايراني فوج اصفهان ويجهو 30 ملين ڊالر ماليت جو آمريڪي ريپر ڊرون ڪيرائڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. جڏهن ته لبنان محاذ تي حزب الله هٿان وڌيڪ اسرائيلي فوجين جي مارجڻ جا اطلاع مليا آهن. ٻئي پاسي سمنڊن ۾ تيل جي جهازن کي نشانو بڻائڻ جي واقعن عالمي واپار کي پريشاني ۾ وجهي ڇڏيو آهي. جتي دبئي ويجهو ڪويتي تيل جي جهاز تي ڊرون حملي ڪانپوءِ باهه لڳڻ واري واقعي وڏي ڇڪتاڻ پيدا ڪري ڇڏي آهي. جڏهن ته ايران پاران وڌيڪ 20 پاڪستاني جهازن کي گذرڻ جي اجازت ڏيڻ تي پڻ اتفاق ڪيو ويو آهي. هوڏانهن پينٽاگون طرفان آمريڪي دفاعي وزير بابت سيڙپڪاري واري خبر رد ڪري ڇڏي آهي. دبئي ويجهو سمنڊ ۾ ڪويتي جهنڊي واري آئل ٽينڪر تي حملي ڪانپوءِ جهاز ۾ باهه لڳي وئي. پرڏيهي خبررسان اداري جي رپورٽ موجب، ڪچي تيل سان ڀريل آئل ٽينڪر کي نشانو بڻايو ويو، جنهن ڪانپوءِ جهاز ۾ باهه لڳي وئي. اماراتي اختيارين موجب، ڪويتي جهنڊي واري آئل ٽينڪر السلمي تي ڊرون حملي ڪانپوءِ لڳل باهه تي ضابطو آندو ويو آهي، جڏهن ته ڪنهن به قسم جو تيل رسڻ يا عملي کي جاني نقصان ناهي ٿيو. شپنگ ڊيٽا موجب، هي جهاز چين جي شهر چنگ ڊائو ڏانهن وڃي رهيو هو ۽ ان ۾ لڳ ڀڳ 12 لک بيرل سعودي ڪچو تيل ۽ 8 لک بيرل ڪويتي ڪچو تيل موجود هو. ذريعن موجب، امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي ته السلمي جهاز حملي جو اصل هدف نه هو. پاسداران انقلاب دعويٰ ڪئي آهي ته هنن نار ۾ هڪ اهڙي ڪنٽينر جهاز کي نشانو بڻايو جيڪو اسرائيل سان تعلق رکي پيو. جڏهن ته شپنگ ڊيٽا موجب، اهو اشارو سنگاپور جي جهنڊي واري جهاز هاءِ فونگ ايڪسپريس ڏانهن هو جيڪو حملي وقت السلمي جهاز جي ويجهو لنگر انداز هو. ٻئي طرف پاسداران انقلاب جي سڌ سماءَ واري شعبي چيو آهي ته ايران جي هٿياربند فوجن آپريشن "وعده صادق 4" جي 88هين لهر ۾ آمريڪي ۽ صهيوني هدفن خلاف گڏيل ۽ گهڻ رخي ڪارروائيون ڪيون آهن ۽ انهن کي لبنان ۾ حزب الله جي شهيدن جي نالي منسوب ڪيو ويو آهي. بيان ۾ چيو ويو آهي ته حملن ذريعي دشمن جي فوجي طاقت کي وڌيڪ هيٺ ڪيو ويو آهي ۽ مسلم امت خلاف اڳرائي ڪندڙ قوتن لاءِ ميدان سوڙهو ڪيو ويو آهي.

بقايا 2 آمريڪي صدر

ڪندي چيو آهي ته برطانيا ۽ ٻيا ملڪ آمريڪا کان جيٽ فيول خريد ڪن يا همت ڪري هرمز وڃي تيل حاصل ڪن. آمريڪا هاڻي مدد نه ڪندو. ڊونلڊ ٽرمپ سوشل ميڊيا تي بيان جاري ڪندي چيو ته برطانيا ايران حڪومت کي ڪيرائڻ ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪيو جڏهن ته فرانس اسرائيل ڏانهن فوجي سامان کڻي ويندڙ جهازن کي پنهنجي فضائي حدن مان گذرڻ نه ڏيندو. ٽرمپ چيو ته فرانس ايران جي قصاب جي حوالي سان تمام غير مددگار رهيو.

بقايا 3 بدليون

کان وڌيڪ اسسٽنٽ ڪمشنرن ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرن ۽ مختيارڪارن جا مقرريون ۽ بدليون ڪري ڇڏيون آهن جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو سکر ماجد علي کي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون سکر جو اضافي چارج پڻ ڏنو ويو آهي. محڪمه يونيورسٽيز ۽ بورڊز جي سيڪشن آفيسر نديم قادر کوکر کي بدلي ڪري اسسٽنٽ ڪمشنر گڏاپ (ملير) مقرر ڪيو ويو آهي جڏهن ته اظهر علي لغاري کي رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. شاهنواز چارڻ کي اسسٽنٽ ڪمشنر صالح پٽ (ضلعو سکر) مقرر ڪيو ويو آهي، جڏهن ته شائسته سنڌو کي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو ڪورنگي مقرر ڪيو ويو آهي. مختيارڪار سهراب علي شيخ کي لانڍي (ضلعو ڪورنگي) ۾ مقرر ڪيو ويو آهي، جڏهن ته نعيم احمد سهتو کي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ملير مقرر ڪيو ويو آهي. طفيل احمد خاصخيلي کي سب ڊويزن اورنگي جو مختيارڪار مقرر ڪيو ويو آهي.

بقايا 4 تياريون

تازي ڳالهين مان اشارو ملي ٿو ته ترڪي، پاڪستان، سعودي عرب ۽ مصر هڪ "دفاعي اتحاد" ٺاهڻ وڃي رهيا آهن. برطانوي ميڊيا موجب، اخبار 31 مارچ واري رپورٽ ۾ ڄاڻايو آهي ته چئن ملڪن جي نمائندن واري اجلاس جو مرڪز ايران جي جنگ، ان جا اثر ۽ ملڪن وچ ۾ امڪاني فوجي هم آهنگي هو. رپورٽ ۾ هڪ اڻڄاتل ترڪ اهلڪار حوالي سان چيو ويو ته "آمريڪا ۽ يورپ جي اسلامي دنيا ۽ وچ اوڀر ۾ اسٽريٽجڪ پوزيشننگ، جنهن جو واحد مقصد اسرائيل جي حفاظت آهي، عالمي استحڪام لاءِ خطرو بڻجي چڪي آهي ۽ تازي اجلاس ۾ سيڪيورٽي ۽ استحڪام بابت نون خيالن جي ضرورت تي زور ڏنو ويو آهي" رپورٽ موجب، اسلام آباد ۾ ڪيترائي اصولي فيصلا ڪيا ويا ۽ ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ويو ته ايندڙ اجلاس ترڪي ۾ ٿيندو. ان حوالي سان وڌيڪ تفصيل ظاهر ناهن ڪيا ويا. تجزيي نگارن جو موجب، ترڪي ۽ پاڪستان جي اتحاد ۾ مصر ۽ سعودي عرب جي شموليت سان اهو پيغام ملي ٿو ته اسلامي دنيا جا فيصلا "هاڻي اسان پاڻ ڪنداسين"

بقايا 5 هدايتون

ڪرڻ ۽ پيٽروليم مصنوعات جي اسمگلنگ ۽ ذخيره اندوزي جي خلاف سخت قدمن جي هدايت ڪئي آهي. ڪالهه اڳاري ڏينهن وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ خطي جي صورتحال جي ڏس ۾ پيٽروليم مصنوعات جي سپلاءِ چين بچت ۽ ڪفايت شعاري جي لاءِ جاري قدمن جي لاڳو جي حوالي سان اجلاس ٿيو جنهن ۾ گهٽ آمدني وارن طبقن کي موجوده صورتحال جي ڏس ۾ رليف پهچائڻ جي حوالي سان قدمن جو جائزو ورتو ويو. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم لاڳاپيل وزارتن کي صوبن سان مشاورت ڪانپوءِ حتمي تجويزون پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي. هن پيٽروليم مصنوعات جي اسمگلنگ ۽ غيرقانوني ذخيره اندوزي جي خلاف سخت قدمن جي هدايت ڪئي. وزيراعظم چيو ته گذريل ڪن هفتن ۾ وفاقي حڪومت گهٽ آمدني واري طبقي کي رليف فراهم ڪرڻ جي حوالي سان اهم قدم کنيا ۽ اڳتي به غريب طبقي جي رليف جي لاءِ قدم جاري رهندا.

بقايا 6 برسات جا امڪان

جوامڪان آهي موسميات کاتي ۽ موسم بابت ڄاڻ ڏيندڙ ماهرن اڳڪٿي ڪئي آهي ته سنڌ ۾ 2اپريل کان برسات جاوسڪارا شروع ٿي ويندا جيڪي 3اپريل کان 4اپريل تائين سڄي سنڌ ۾ برسات جوامڪان آهي. ڪراچي ڊويزن حيدرآباد ڊويزن ميرپورخاص ڊويزن شهيدبينظيرآباد نواب شاهه ڊويزن سکر ڊويزن ۽ لاڙڪاڻي ڊويزن ۾ گجگوڙ ڪندڙ تيز هوائن سان برسات جوامڪان آهي

بقايا 7 هدايت

ڪري ڇڏيون آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق ڪرغستان جي پرڏيهي وزارت مان جاري بيان ۾ چيو ويو آهي ته اهي قدم موجوده حالتن کي نظر ۾ رکندي کنيا ويا آهن. ايران ۾ موجود ڪرغستان جي شهرين کي سخت احتياط ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. اختيارين شهرين کي مشورو ڏنو آهي ته هو ميڙ وارن هنڌن ۽ امڪاني طور تي خطرناڪ علائقن کان پري رهن، ذاتي حفاظت جي اصولن تي سختي سان عمل ڪن ۽ مقامي قانون جي پابندي ڪن. ان کان علاوه، شهرين کي هر وقت پنهنجي سڃاڻپ جا دستاويز پاڻ سان ساڻ رکڻ جي تاڪيد ڪئي وئي آهي

بقايا 8 گورنر

محمد نهال هاشمي چيو آهي ته عدالتن ۾ انصاف جي فراهمي ۾ قانوني برادري جو ڪردار تمام گهڻو اهم آهي پاڪستان جا وڪيل قائداعظم محمد علي جناح جا وارث آهن پيشي جي شان کي برقرار رکڻ قانوني برادري جي ذميواري آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي هڪ تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. جڏهن گورنر سنڌ سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن پهتو ته صدر حسيب جمالي، سيڪريٽري جنرل فريده منگريو ۽ وڪيلن جي وڏي انگ سندس استقبال ڪيو. سيڪريٽري جنرل فريده منگريو استقباليه ۾ چيو ته اڄ هڪ وڪيل گورنر جو عهدو سنڀالي رهيو آهي ايسوسيئيشن کي اميد آهي ته سيد محمد نهال هاشمي قانوني برادري جي ڊگهي عرصي کان هلندڙ مسئلن کي حل ڪرائيندو گورنر سنڌ وڌيڪ چيو ته الله تعاليٰ قانوني پيشي کي اهڙو درجو ڏنو آهي جنهن تي فخر ڪرڻ گهرجي هن چيو ته پاڪستان خطي ۾ هڪ پرامن ملڪ آهي جنهن کي ڪجهه عالمي عنصر انتشار پکيڙڻ چاهين ٿا هن چيو ته وزيراعظم فيلڊ مارشل جي دانشمندانه قيادت خطي ۾ امن لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي

بقايا 9 مرتضيٰ وهاب

بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته بلديه عظميٰ ڪراچي جي ماتحت سڀني اسپتالن کي جديد بنيادن تي آڻڻ ۽ شهرين کي سندن دروازن تي معياري طبي سهولتون فراهم ڪرڻ اولين ترجيح آهي. هن چيو ته پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت اسپتال جون سڀئي سهولتون بهتر بڻايون پيون وڃن ۽ اسپنسر آئي اسپتال کي بحالي ۽ مرمت جي ڪم مڪمل ٿيڻ کان پوءِ 6 اپريل تي کوليو ويندو. هنن خيالن جو اظهار هن اڳاري ڏينهن اسپنسر آئي اسپتال ۾ جاري ترقياتي مرمتي ۽ اپ گريڊيشن جي ڪم جو تفصيلي جائزو وٺندي ۽ لاڳاپيل اختيارين کي ڪم جي رفتار وڌيڪ تيز ڪرڻ جون هدايتون ڏيندي ڪيو. ان موقعي تي ميونسپل ڪمشنر ڪي ايم سي ابرار جعفر سينيئر ڊائريڪٽر ميڊيڪل ڊاڪٽر مهوش مٺائي ڊائريڪٽر ميڊيا دانيال سيال ۽ ٻيا آفيسر پڻ ساڻس گڏ موجود هئا. ميئر ڪراچي زير تعمير وارڊن آپريشن ٿيٽر او پي ڊي ۽ ٻين سهولتن جو جائزو وٺندي چيو ته بلديه عظميٰ ڪراچي جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو صحت کاتي ۾ انقلابي تبديليون آنديون پيون وڃن ۽ سڀ وسيلا شفاف انداز ۾ استعمال ڪيا پيا وڃن ته جيئن عوام کي بهترين سهولتون فراهم ڪري سگهجن. هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته مريضن جي سهولت کي نظر ۾ رکندي طبي خدمتن جي معيار کي وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي.

بقايا 10 مطالبو

ايف ايندڙ مالي سال 2026-27 جي وفاقي بجيٽ ۾ 1600 ارب رپين کان وڌيڪ واڌ سان ٽيڪس اوڳاڙين جو هدف 15 هزار 600 ارب رپين کان وڌيڪ رکڻ جي تجويز ڏني آهي ايف بي آر ذريعن جو چوڻ آهي ته آءِ ايم ايف حڪومت کان ڪيترائي مطالبا ڪيا آهن جنهن تحت ايندڙ مالي سال ٽيڪس هدف ۾ 1600 ارب رپين کان وڌيڪ اضافي جي تجويز ڏني وئي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته آءِ ايم ايف پيٽرول سميت ٻارڻ تي 18 سيڪڙو جي ايس ٽي لاڳو ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي، هن وقت پيٽروليم شين تي جي ايس ٽي جي شرح ٻڙي آهي. اهڙي طرح آءِ ايم ايف سولر واهپيدارن تي به 18 سيڪڙو ٽيڪس لاڳو ڪرڻ تي زور ڏنو آهي ۽ نون گهرن تي ٽيڪس ڇوٽ ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي. آءِ ايم ايف ننڍن ڪاروبارن ۽ واپارين تي آڏائن جي بنياد تي ٽيڪس لڳائڻ ۽ نئين بجيٽ ۾ ٽيڪس هدف 15 هزار 600 ارب رپين کان وڌيڪ رکڻ جي تجويز ڏني آهي.

بقايا 11 بچائي ورتو

فيڪٽري پرسان حنيف بلوچ ڪلمتي ڳوٺ ۾ واٽر بورڊ جي کليل پاڻي واري لائن ۾ ڪري پيل پيءُ ۽ پٽ کي ريسڪيو ٽيم ڪيترن ئي ڪلاڪن بعد محفوظ طور ٻاهر ڪڍي ورتو واقعي سبب علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو جڏهن ته ضلعي ۽ ٽائون انتظاميا جي غيرموجودگي تي علائقي واسين سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو موقعي تي موجود سماجي اڳواڻ افضل جوکيو موجب حنيف بلوچ ڳوٺ جو رهواسي ننڍڙو رياض ڪلمتي وهنجڻ لاءِ گهگهر سيمينٽ ڪمپني پرسان واٽر بورڊ جي اونهي لائن ۾ لٿو جتي اوچتو پير سلپ ٿيڻ سبب هو پاڻي ۾ ڪري پيو پٽ کي ٻڏندي ڏسي پيءُ صدام ڪلمتي فوري طور کيس بچائڻ لاءِ لائن ۾ ٽپو ڏنو

بقايا 12 عطيو

۽ همدردي جو هڪ خوبصورت مثال سامهون آيو آهي جتي معصوم ٻارڙي زينب بتول ايران ۽ لبنان جي جنگي متاثرن لاءِ پنهنجي سڄي عيدي عطيو ڪري ڇڏي آهي. زينب بتول پنهنجي مرضي سان اصرار ڪيو ته سندس عيدي ضرور جنگ متاثر ماڻهن تائين پهچائي وڃي جنهن کان پوءِ سندس رقم ڊونيشن ڪيمپ ۾ جمع ڪرائي وئي. ٻارڙي پاران اهو قدم رهبرِ معظم سيد علي خامنه اي جي ياد ۾ کنيو ويو جتي هن عيد جون خوشيون ٻين لاءِ قربان ڪري انسانيت جو اعليٰ درس ڏنو. ڊونيشن ڪيمپ ۾ وڏي انگ ۾ ٻارن شرڪت ڪئي.

بقايا 13 جميل سومرو

احمد سومرو صحافين جي وفد سان غير رسمي ڳالهيون ڪندي چيو ته سوشل ميڊيا تي منهنجي خلاف ڪردار ڪشي ڪندڙن کي ٺڪائي جو منهن ڏسڻو پوندو ۽ هو منهنجو ڪجهه به بگاڙي نه ٿا سگهن. جڏهن ته پاڪستان پيپلز پارٽي ملڪ جي تمام وڏي جماعت آهي ۽ هڪ ڪارڪن جي حيثيت سان عوام جي خدمت ڪرڻ منهنجو فرض آهي جيڪو عمل هميشه جاري رهندو هن چيو ته لاڙڪاڻي شهر جي وچ مان وهندڙ رائيس ڪئنال جي ٻنهين ڪپن کي پڪو ڪري ديوار ڏياري ويندي ۽ گرين بيلٽ قائم ڪيو ويندو ته جيئن شهر جي خوبصورتي ۾ وڌيڪ اضافو اچي سگهي هن چيو ته لاڙڪاڻي شهر جي جناح باغ سميت ٻين پارڪن لاءِ 6 ڪروڙ رپين جي اسڪيم منظور ڪرائي آهي ۽ تمام جلد پارڪن جا روڊ رستا تعمير ڪيا ويندا ۽ جناح باغ سان گڏ ٻين ننڍن وڏن پارڪن کي پڻ خوبصورت بڻايو ويندو هن وڌيڪ چيو ته لاڙڪاڻي شهر ۾ ڊرينيج جو گنڀير مسئلو آهي ان جي اسڪيم پڻ منظور ٿي آهي ۽ اهو مسئلو به حل ڪيو ويندو شهر جي مختلف علائقن ۾ پيور بلاڪ ناليون تعمير ڪرائي ماڻهن کي بنيادي سهولتون مهيا ڪيون ويون آهن

بقايا 14 فيصلو

شاهه نئين تعليمي سال جي شروعات تي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي چيو آهي ته اسٽيئرنگ ڪميٽي جي فيصلي تي عمل ڪندي صوبي ۾ تعليمي سال باقاعده پهرين اپريل کان شروع ڪيو پيو وڃي. محڪمه تعليم سنڌ موجب، ڪفايت شعاري قدمن تحت اسڪولن ۾ هفتي ۾ ٻه ڏينهن موڪل رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي جنهن تحت سڄي صوبي ۾ ڇنڇر ۽ آچر موڪل هوندي.

بقايا 15 گرفتار

انويسٽيگيشن ايجنسي (ايف آءِ اي) ڪراچي زون جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي ڪارروائي ڪندي سعودي عرب ۾ سرگرم هڪ منظم پينو فقيرن نيٽ ورڪ کي بي نقاب ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن ته ٻن مسافرن کي حراست ۾ وٺي وڌيڪ جاچ لاءِ اينٽي هيومن ٽريفڪنگ سرڪل حوالي ڪيو ويو آهي ايف آءِ اي ترجمان موجب، محمد جميل ۽ گوپا بي بي نالي مسافر جيڪي فيصل آباد جا رهواسي آهن سعودي عرب کان ڪراچي پهتا ته اميگريشن ڪليئرنس دوران کين مشڪوڪ بنيادن تي روڪيو ويو. شروعاتي جاچ دوران معلوم ٿيو ته ٻئي مسافر عمره ويزا تي باهرين ملڪ ويا هئا. جاچ دوران جوابدارن ان ڳالهه جو اعتراف ڪيو ته هنن ايجنٽ ڪشمير علي (رهواسي جهلم) جي ذريعي سفر ڪيو هو وڌيڪ پڇا ڳاڇا ۾ انڪشاف ٿيو ته هڪ منظم نيٽ ورڪ سعودي عرب ۾ خيرات وٺي وڏي پيماني تي رقم گڏ ڪندو هو جيڪا بعد ۾ حوالا هنڊي ذريعي ڪينيڊا ۾ موجود ايجنٽن ڏانهن منتقل ڪئي ويندي هئي.

بقايا 16 وارثن حوالي

۾ اسرائيل جي حملي ۾ شهيد ٿيل پاڪستاني شهري ياسر خان جي ميت تافتان بارڊر تي لواحقين ۽ ايڌي تافتان ايمرجنسي سينٽر کي سپرد ڪئي وئي ايران مان تافتان بارڊر پاڪستان آيل ٽن زخمي ماڻهن کي مقامي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. رڳو شهيد ياسر خان جي جسد خاڪي کي ايڌي ايمبولينس جي ذريعي تافتان بارڊر مان ڪراچي لاءِ روانو ڪيو پيو وڃي.

بقايا 17 جاويد عالم اوڍو

ڪرڻ بابت هڪ اهم اجلاس ٿي گذريو سنڌ پوليس ميوزيم، گارڊن هيڊ ڪوارٽر ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ ايڊيشنل آءِ جي سي ٽي ڊي، ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي، سي پي ايل سي چيف زبير حبيب، اڳوڻي آءِ جي آفتاب نبي، سلطان صلاح الدين بابر خٽڪ، اقبال محمود، سعود مرزا شرڪت ڪئي جڏهن ته اڳوڻي ايڊيشنل آءِ جي وسيم احمد، اڪبر آرائين، رمضان چنا، اڳوڻي ڊي آءِ جي خرم گلزار ۽ ڊي آءِ جيز شرڪت ڪئي اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن کي سنڌ پوليس ميوزيم جي ڪيوريٽر سعود مرزا پاران ميوزيم جي قيام ان جي مقصدن ۽ ناياب شين تاريخ هٿيارن دستاويزن تصويرن ۽ ٻين ملڪن جي پوليس ميوزيم جي ماڊلز بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. مان سڀني معزز شرڪت ڪندڙن جو اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ تي شڪريو ادا ڪريان ٿو ڪيوريٽر سعود مرزا چيو آهي ته 2009 کان وٺي، منهنجي ٽيم ۽ مان سنڌ پوليس ميوزيم جي قيام ۽ ترقي لاءِ مسلسل ڪم ڪري رهيا آهيون سعود مرزا چيو آهي ته پوليس ميوزيم جو تعميراتي ڪم محنت سان جاري رهيو ۽ آخرڪار 2017 ۾ مڪمل ٿيو ۽ شهرين لاءِ کوليو ويو پوليس لائبريري ۾ 1865 کان 1940 تائين قانون ۽ تاريخ سان لاڳاپيل نادر ۽ قيمتي دستاويز هڪ اهم دانشورانه اثاثو آهن سعود مرزا موجب سنڌ پوليس ميوزيم جي اپ گريڊيشن لاءِ حاضر سروس ۽ رٽائرڊ آفيسرن جي مڪمل ڌيان ۽ تعاون جي ضرورت پوندي رٽائرڊ ملازم پنهنجي سروس يا اهم موقعن سان لاڳاپيل نادر دستاويز ۽ تصويرون سنڌ پوليس ميوزيم کي عطيو ڪري سگهن ٿا. سعود مرزا چيو ته سنڌ پوليس ميوزيم نه رڳو تاريخ کي محفوظ ڪرڻ جو ذريعو آهي.

بقايا 18 برطرف

خانزاده کي برطرف ڪيو ويو آهي. سنڌ حڪومت ميرپورخاص تعليمي بورڊ ۾ ميٽرڪ ۽ انٽر جي نتيجن ۾ هير ڦير ۽ جعلي سرٽيفڪيٽن جي معاملي تي ڪنٽرولر امتحانات انور عليم خانزاده کي نوڪري مان ڪڍي ڇڏيو آهي. محمد اسماعيل راهو چيو ته ڪنٽرولر خلاف فيبروري 2026 ۾ تيار ڪيل جاچ رپورٽ ۾ ايس ايس سي ۽ ايڇ ايس سي جي نتيجن ۾ وڏي پيماني تي ٽيمپرنگ جا الزام ثابت ٿيا آهن. صوبائي وزير يونيورسٽيز ۽ تعليمي بورڊز محمد اسماعيل راهو موجب، انور عليم خانزاده نه ته شوڪاز نوٽيس جو جواب ڏنو ۽ نه ئي ذاتي ٻڌڻي لاءِ پيش ٿيو جنهن کان پوءِ E&D قاعدن تحت سندس برطرفي عمل ۾ آندي وئي. هن ٻڌايو ته ميرپورخاص ۾ 2021 کان 2025 تائين 1068 ميٽرڪ ۽ 1471 انٽر جي مارڪ شيٽن ۽ سرٽيفڪيٽن کي رد ڪيو ويو آهي. صوبائي وزير وڌيڪ چيو ته هن معاملي ۾ ملوث ٻين آفيسرن ۽ ايجنٽن خلاف به جاچ جاري آهي.

بقايا 19 فيصلو

انٽرنيشنل فارن ڪامن ويلٿ اينڊ ڊولپمينٽ آفيس (FCDO) جي سهڪار سان ڪراچي جي خانگي هوٽل ۾ ڪرايو ويو. هن ڊائلاگ ۾ اهم پاليسي سازن، پارليامينٽ جي ميمبرن، سرڪاري عملدارن، سول سوسائٽي جي نمائندن ۽ پيشه ور طبقن جي نمائندن شرڪت ڪئي. ڊائلاگ دوران گهريلو تشدد جي قانون بابت هڪ پاليسي پيپر پيش ڪيو ويو، جنهن ۾ تڪڙي سڌارن جي نشاندهي ڪئي وئي، جن ۾ قانونسازي ۾ ترميمون، اداري سطح تي هم آهنگي کي مضبوط بڻائڻ، ايف آءِ آر جي طريقيڪار ۾ بهتري، مؤثر ريفرل سسٽم، انصاف فراهم ڪندڙ ادارن جي صلاحيت وڌائڻ ۽ تحفظ لاءِ خدمتن ۾ سيڙپڪاري وڌائڻ شامل آهن. ليگل ايڊ سوسائٽي جي ايڊووڪيٽ مليحه ضياء گهريلو تشدد جي روڪٿام بابت تحقيقي مقالو پيش ڪيو جنهن ۾ ون اسٽاپ پروٽيڪشن سينٽرز کي مضبوط بڻائڻ، پوليسنگ نظام ۾ بهتري، ضلعي سطح تي مؤثر تحفظ لاءِ نظام قائم ڪرڻ ۽ خدمتن جي گڏيل فراهمي بابت تجويزون شامل هيون. چيئرپرسن سنڌ ڪميشن آن دي اسٽيٽس آف وومين، ايڊووڪيٽ روبينه امان بروهي سڀني شرڪت ڪندڙن جا ٿورا مڃيندي گهريلو تشدد جي مؤثر خاتمي لاءِ گڏيل ڪوشش جي اهميت تي زور ڏنو. هن ڪميشن جي جاري آگاهي مهم "پنهنجا قانون ڄاڻو پنهنجا حق ڄاڻو" جو ذڪر ڪيو جيڪا ٿرپارڪر کان شهيد بينظيرآباد تائين بنيادي سطح تي لاڳو ڪئي پئي وڃي ته جيئن عورتن کي سندن قانوني حقن بابت آگاهي ڏني وڃي. هن زور ڏنو ته انفرادي ڪوششن کان اڳتي وڌي گڏيل ۽ منظم قدم کڻڻ ضروري آهن ته جيئن حقيقي نتيجا حاصل ڪري سگهجن. چيئرپرسن روبينه امان بروهي سنڌ حڪومت طرفان گهريلو تشدد ايڪٽ جي منظوري کي ساراهيندي چيو ته گذريل 13 سالن دوران هن قانون تي "ان جي اصل روح مطابق" عملدرآمد نه ٿي سگهيو آهي.

بقايا 20 لاش هٿ

چوٿين شخص جو لاش پاڪ نيوي جي ڪوشش سان ٻن ڏينهن جي ڳولا ڪانپوءِ ملي ويو ريسڪيو ذريعن موجب ٻڏي فوت ٿيل شخص جي سڃاڻپ حبيب الله منارو جي نالي سان ٿي ياد رهي ته گذريل ڏينهن ٻن عورتن سميت ٽن ماڻهن جا لاش ڪڍيا ويا هئا فوت ٿيل چئن ئي ماڻهن جو تعلق هڪ ئي ڳوٺ يعقوب منارو سان ٻڌايو پيو وڃي ٻڏي فوت ٿيل نوجوان جي جنازي ۾ سابق ضلع ناظم سيد شفقت شاهه شيرازي پ پ جو عوامي اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ، ڊاڪٽر اقبال ميمڻ، سيد نصيرشاهه شيرازي ڊي سي سڄاول زاهد حسين رند سميت شهرين ڳوٺاڻن شرڪت ڪئي جڏهن انتظاميا ۽ ريسڪيو ادارن پاران ريسڪيو آپريشن مڪمل ڪيو ويو آهي

بقايا 21 شرجيل ميمڻ

درخواست نه موڪليندو. هن چيو ته هن وقت صرف پاڪستان نه پر سڄي دنيا جنگي صورتحال سبب مختلف چئلينجن کي منهن ڏئي رهي آهي ۽ صدر آصف علي زرداري جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ به انهن حالتن کي نظر ۾ رکندي فيصلا ڪيا ويا. سنڌ ڪابينا جي اجلاس ڪانپوءِ گهرو ۽ قانون ۽ پارلياماني معاملن واري وزير ضياء الحسن لنجار سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪچي وارن علائقن جي جامع سروي جي منظوري ڏني وئي آهي ۽ ان لاءِ رقم به رکي وئي آهي جنهن سان سيڪيورٽي مسئلن جي حل ۾ آساني ٿيندي. هن چيو ته گهرو کاتي طرفان ڪچي ۾ آپريشن به ڪيا ويا آهن جڏهن ته سنڌ ڪابينا جنگلات کاتي کي جامع پاليسيون ٺاهڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون آهن. هن ٻڌايو ته سينٽ پيٽرڪ اسڪول ڪراچي ۾ جديد گهڻ مقصدي اسٽيڊيم جي تعمير لاءِ 10 ڪروڙ رپيا منظور ڪيا ويا آهن جڏهن ته سرڪاري ادارن ۾ اڳوڻن سالن جي شاگردن جي فيسن جي واپسي لاءِ 3.4 ارب رپين جي اصولي منظوري ڏني وئي آهي. سنڌ ڪابينا ايس ڊي جيز تحت 98 اسڪيمون منظور ڪندي 4.33 ارب رپيا مختص ڪيا آهن جڏهن ته عورت فائونڊيشن لاءِ 5 ڪروڙ رپين جي گرانٽ پڻ منظور ڪئي وئي آهي. خيرپور ۾ درازا شريف تي حضرت سچل سرمستؒ جي نالي سان لائبريري قائم ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي آهي جنهن جي لاڳت 5 ڪروڙ 15 لک رپيا مقرر ڪئي وئي آهي. جڏهن ته ڀٽ شاهه ۾ حضرت شاهه لطيف ڀٽائيؒ جي مزار تي ترقياتي ڪم پڻ منظور ڪيا ويا آهن. سنڌ ڪابينا هڪ ملين ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ خريد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جيڪا هاري ڪارڊ ذريعي ڪئي ويندي، ۽ ان سلسلي ۾ آبادگارن جو مڪمل ڊيٽا پڻ موجود آهي. شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو ته صدر آصف علي زرداري بي آءِ ايس پي پروگرام جي شروعات لاءِ ڊيٽا گڏ ڪرايو هو ساڳئي طرح تي آبادگارن جو ڊيٽا پڻ گڏ ڪيو ويو آهي. هن چيو ته ڳوٺاڻي عورتن ۾ ڪينسر سميت ٻين بيمارين جي بروقت سڃاڻپ لاءِ هڪ جديد ٽيچنگ سينٽر قائم ڪيو پيو وڃي ته جيئن طبي عملي کي تربيت ڏني وڃي. پريس ڪانفرنس دوران صوبائي وزير ضياء الحسن لنجار چيو ته سنڌ پوليس ڪچي وارن علائقن ۾ نمايان ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن ۽ ان حوالي سان ميڊيا کي وقت بوقت آگاهه ڪيو ويو آهي. هن ٻڌايو ته مختلف ضلعن ۾ آپريشن دوران 393 ماڻهن هٿيار ڦٽا ڪيا آهن. حڪومت جي ڪوشش هئي ته پهرين رضاڪارانه طور هٿيار ڦٽا ڪرايا وڃن ٻي صورت ۾ ڪارروائي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو. هن وڌيڪ چيو ته اوباڙو کان ٺٽو تائين ڪچي وارن علائقن جو سروي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ۽ حڪومت جي خواهش آهي ته انهن علائقن جا ماڻهو خاص طور عورتون زمينن جي الاٽمينٽ مان فائدو حاصل ڪن. دادو ڪيس بابت هن چيو ته عدالت فيصلو ڏئي ڇڏيو آهي ۽ اهو دائر ختم ٿيڻ گهرجي ته سزا سلي ۽ بريت خراب آهي، چو ته ٻنهي ڌرين کي منصفاڻي ٽرائل جو موقعو ڏنو ويو. هڪ سوال جي جواب ۾ شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ايم ڪيو ايم بلدياتي ادارن جي اختيارن جي ڳالهه ته ڪري ٿي پر بلدياتي چونڊن کان پاسو ڪري ٿي، اين ايف سي ايوارڊ بابت هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جو موقف واضح آهي.

بقايا 22 اتفاق

ضياء الحسن لنجار سان برطانيا جي ڊپٽي هاءِ ڪمشنر لائس ڊوم ملاقات ڪئي جنهن دوران ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن ۽ گڏيل دلچسپي وارن معاملن تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون ملاقات دوران امن امان سيڪيورٽي تعاون ۽ ادارن وچ ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي ان موقعي تي سنڌ ۾ پوليسنگ جي نظام صلاحيتن ۾ واڌ ۽ ان کي جديد بنيادن تي آڻڻ لاءِ کنيل قدمن تي پڻ غور ڪيو ويو سنڌ جي گهرو وزير چيو ته عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ حڪومت جي اولين ترجيح آهي هن وڌيڪ چيو ته ڏوهن جي خاتمي ۽ شهرين جي حفاظت لاءِ پوليس کي جديد ٽيڪنالاجي ۽ وسيلا فراهم ڪيا پيا وڃن ضياء الحسن لنجار چيو ته عوام جي تحفظ لاءِ انٽيليجنس بنيادن تي ڪارروايون ۽ اسٽريٽ ڪرائمز خلاف ٽارگيٽڊ آپريشن جاري آهن ان موقعي تي برطانوي ڊپٽي هاءِ ڪمشنر لائس ڊوم چيو ته برطانوي حڪومت پنهنجو تعاون ۽ سهڪار جاري رکندي ۽ عوام جي ڀلائي ۽ سيڪيورٽي سان لاڳاپيل قدمن ۾ مڪمل عزم سان گڏ بيٺل آهي ملاقات ۾ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري داخله اقبال ميمڻ آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ۽ ڪوآرڊينيٽر ٽو هوم منسٽر بلال شيخ پڻ موجود هئا.

بقايا 23 بل جمع

جي تحفظ جو بل صوبائي اسيمبلي ۾ جمع ڪرايو ويو آهي پنجاب اسيمبلي ۾ اقليتن جي حقن جي تحفظ وارو بل جمع ڪرايو ويو بل اقليتي معاملن واري اسٽينڊنگ ڪميٽي جي چيئرمين فيليڪس ڪرسٽوفر پرائيويٽ ميمبر طور پيش ڪيو جمع ڪرايل بل موجب، جبري تبديلي مذهب ڪرائڻ تي 5 سال قيد ۽ ڏنڊ جي سزا تجويز ڪئي وئي آهي بل ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته تعليمي ادارن ۽ نوڪرين ۾ اقليتي شهرين سان امتيازي ورتاءُ نه ڪيو ويندو جڏهن ته صوبائي سطح تي تعليمي نصاب جو به جائزو ورتو ويندو ان حوالي سان وفاقي آئيني عدالت گذريل هفتي هڪ اهم فيصلو پڻ جاري ڪري چڪي آهي

بقايا 24 ڏنڊ جي سزا

دوران عدالت جوابدار الله وڏايو ڦليپوٽو مٿان 2 ڪلو چرس رکڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي کيس 14 سال قيد ۽ 3 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي جيل موڪلڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ڏنڊ جي رقم ادا نه ڪرڻ جي صورت ۾ جوابدار وڌيڪ پنج مهينا قيد ڪاٽيندو

بقايا 25 سنڌ ڪابينا منظوري

صورتحال کي بهتر بڻائي سگهجي زمين جي انتظام کي مضبوط ڪيو وڃي ۽ حڪومت جي جاري سرينڊر پاليسي جي حمايت ڪئي وڃي وڏي وزير چيو ته ڪچي وارن علائقن جو سروي زمين جي رڪارڊ ۾ ڊگهي عرصي کان موجود اختلافن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪيو پيو وڃي، جيڪي روينيو آفيسن ۾ بيلي کاتي ۽ مختلف وفاقي ادارن ۾ رپورٽ ٿيندا رهيا آهن هن سروي ذريعي زمين جي ملڪيت، استعمال جو ڊجيٽل ۽ درست رڪارڊ تيار ڪيو ويندو جنهن سان لاڳاپيل عملدار قانوني رهواسين جي سڃاڻپ ڪري سگهندا ۽ غيرقانوني قبضا روڪي سگهندا. هن منصوبي جي لاڳت اٽڪل 705 ملين رپيا آهي ۽ اهو گورنمينٽ ٽو گورنمينٽ (G2G) بنيادن تي سروي آف پاڪستان جي سهڪار سان مڪمل ڪيو ويندو ڪابينا سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ قانون تحت ڇوٽ ڏئي فوري طور ڪم شروع ڪرڻ جي اجازت پڻ ڏني. لاڙڪاڻو ڊويزن ۽ سکر ڊويزن ۾ امن امان جي صورتحال کي ڏسندي منصوبي جي مدت 25 مهينن کان گهٽائي 15.5 مهينا ڪئي وئي آهي جڏهن ته مختلف ڊائريڪٽوريٽ هڪ ئي وقت ڪم ڪندا ته جيئن منصوبو جلدي مڪمل ٿي سگهي. ڪچي وارن علائقن جو سروي جديد جغرافيائي ٽيڪنالاجي جهڙوڪ سيٽلائيٽ تصويرن جي آءِ ايس ميپنگ ۽ جديد جغرافيائي اوزار استعمال ڪندي ڪيو ويندو هي منصوبو ٻن مرحلن ۾ مڪمل ڪيو ويندو پهرين مرحلي ۾ ڪچي وارن علائقن جي زمين جي حدن جي سڃاڻپ ۽ جي آءِ ايس ميپنگ ڪئي ويندي، جڏهن ته ٻئي مرحلي ۾ 624 ديهن جي تفصيلي ڪيڊسٽرل ميپنگ، زمين جي حدبندي ۽ ملڪيت بابت ڊيٽا گڏ ڪئي ويندي سنڌ ڪابينا شفافيت ۽ مالي نظم و ضبط لاءِ هدايت ڪئي ته هي منصوبو پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ ذريعي گرانٽ ان ايڊ بدران نان-اي ڊي پي اسڪيم طور لاڳو ڪيو وڃي وڏي وزير هن اپاءَ کي ڪچي وارن علائقن ۾ رياست جي عملداري بحال ڪرڻ لاءِ انتهائي اهم قرار ڏنو هن وڏي چيو ته زمين جي واضح سڃاڻپ قانوني رهائشين ۽ ڏوهاري عنصرن ۾ فرق ڪرڻ لاءِ ضروري آهي، جيئن سرينڊر پاليسي ۽ ڊگهي مدي واري امن کي يقيني بڻائي سگهجي سنڌ ڪابينا گريٽر ڪراچي بلڪ واٽر سپلاءِ اسڪيم (ڪي-فور) جي پاور حصي لاءِ جامع مالي ۽ عملدرآمدي رٿا جي منظوري ڏني ته جيئن هن اهم پاڻي رٿا جي بروقت تڪميل کي يقيني بڻائي سگهجي مالي رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪابينا ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن (ڪي ڊبليو ايس سي) لاءِ قرضي ماڊل کي گرانٽ ان ايڊ ميڪينزم ۾ تبديل ڪرڻ جي منظوري ڏني. 13.9 ارب رپين جي گرانٽ پاور انفراسٽرڪچر لاءِ منظور ڪئي وئي، جنهن ۾ 132 ڪي وي گرڊ اسٽيشن 26 ڪلوميٽر ٽرانسميشن لائين 11 ڪي وي ڊسٽريبيوشن نيٽ ورڪ ۽ 50 ميگاواٽ بجلي جي لوڊ لاءِ اسٽاف ڪالوني شامل آهي. موجوده مالي سال ۾ 3.47 ارب رپيا فيز ون لاءِ جاري ڪيا ويندا جڏهن ته ايندڙ مالي سال جي بجيٽ ۾ فيز ٽو لاءِ 10.43 ارب رپيا مختص ڪيا ويندا. سنڌ ٽرانسميشن اينڊ ڊسپيچ ڪمپني (ايس ٽي ڊي سي) پاور انفراسٽرڪچر جي ملڪيت، آپريشن ۽ سار سنڀال جي ذميواري سنڀاليندي، جڏهن ته ڪي ڊبليو ايس سي کي فوري طور فنڊ منتقل ڪرڻ جي هدايت ڏني وئي آهي. سنڌ حڪومت شروعاتي طور جيسڪو لاءِ هر مهيني اٽڪل هڪ ارب رپيا ۽ ايس ٽي ڊي سي لاءِ 74 ملين رپيا آپريشنل خرچن طور برداشت ڪندي وڏي وزير ڪي ڊبليو ايس سي کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجو ريونيو سسٽم کي بهتر بڻائي ته جيئن هو آهستي آهستي اهي مالي ذميواريون پاڻ سنڀالي سگهي. هي فيصلو ڪي فور رٿا جي رفتار وڌائڻ ۽ ڪراچي ۾ پاڻي جي کوٽ کي ختم ڪرڻ لاءِ انتهائي اهم قرار ڏنو ويو آهي سنڌ ڪابينا ربيع جي هن سيزن لاءِ ڪڻڪ خريداري واري پاليسي جي منظوري ڏني، جنهن تحت هڪ ملين ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ خريد ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو ته جيئن خوراڪ جي تحفظ ۽ اگهن کي برقرار رکڻ کي يقيني بڻائي سگهجي ڪابينا ڪڻڪ جي امدادي قيمت 3,500 رپيا في 40 ڪلوگرام مقرر ڪئي خريداري رڳو سنڌ ڪڻڪ آبادگار سپورٽ پروگرام تحت رجسٽرڊ 332,000 کان وڌيڪ هارين کان ڪئي ويندي

بقايا 26 درخواست رد

چونڊن ۾ ٽڪ اين اي 127 تان ڪاميابي خلاف درخواست رد ڪئي وئي آهي ملڪ ظهير عباس کوکر وفاقي وزير اطلاعات عطاءُ الله تارڙ جي چونڊن ۾ ڪاميابي کي چئلينج ڪيو هو اليڪشن ٽربيونل ملڪ ظهير عباس کوکر جي درخواست کي غلط، نه ٻڌڻ جوڳو ۽ بي بنياد قرار ڏنو

بقايا 27 واڌ

گيس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) ايل پي جي اگهن ۾ وڏي واڌ ڪري ڇڏي، جنهن جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪري ڇڏيو ويو آهي. نوٽيفڪيشن موجب، ايل پي جي اگهه ۾ في ڪلو 78 رپيا 28 پئسا واڌ ڪئي وئي آهي جنهن ڪانپوءِ في ڪلو ايل پي جي جي نئين قيمت 304 رپيا 12 پئسا مقرر ڪئي وئي آهي

بقايا 28 پار ڪري ويا

ڪمپني جا ٻه ڪنٽينربردار جهاز ڪاميابي سان آبناءِ هرمز مان گذري ويا. شپ ٽريڪنگ ڊيٽا موجب، CSCLانڊين اوشن ۽ CSCLآرڪٽڪ اوشن نالي جهاز گذريل ڏينهن وقفي وقفي سان آبناءِ هرمز پار ڪئي رپورٽ موجب ٻئي جهاز هاڻي ملائيشيا جي بندرگاهه پورٽ ڪلانگ ڏانهن روانا آهن

بقايا 29 پيش

خطي جي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو جاري ڪيل پڌرائيءَ موجب، ٻنهي ملڪن تڪرار کي وڌڻ کان روڪڻ متاثر علائقن ۾ انساني امداد جاري رکڻ ۽ امن لاءِ گڏيل منصوبو پيش ڪيو ٻنهي ملڪن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ايران ۽ نار وارن ملڪن جي خودمختياري ۽ سلامتي جو تحفظ ڪيو وڃي، جڏهن ته مسئلن جي حل لاءِ ڳالهين کي ئي اثرائتو رستو قرار ڏنو ويو ٻنهي ملڪن توانائي، پاڻي صاف ڪرڻ وارن پلانٽن بجلي گهرن ۽ پرامن جوهري ٽاڪن جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ تي پڻ زور ڏنو ان کانسواءِ آبناءِ هرمز کي عالمي واپار ۽ توانائي جي ترسيل لاءِ انتهائي اهم قرار ڏيندي ٻنهي ملڪن مطالبو ڪيو ته جهازن ۽ عملي جي حفاظت کي يقيني بڻايو وڃي.

بقايا 30 زخمي

موجب، ايران طرفان اڄ صبح ڪيل ميزائل حملن ۾ وچ اسرائيل ۾ 11 ڄڻا زخمي ٿي پيا. اسرائيلي ميڊيا موجب، گش دان واري علائقي ۾ 6 ۽ بني براڪ ۾ 3 ڄڻا زخمي ٿيا، جڏهن ته ٻين علائقن ۾ سرچ اينڊ ريسڪيو آپريشن جاري آهي

بقايا 31 مطالبو

سينيئر نائب صدر شهاب زبيري کي نائب صدر محمد اطهر قاضي کي سيڪريٽري جنرل محسن بلال کي جوائنٽ سيڪريٽري ۽ نويد ڪاشف کي فنانس سيڪريٽري چونڊيو ويو ساليانو اجلاس صدر سينيٽر سرمد علي جي صدارت هيٺ اي پي اين ايس هائوس ڪراچي ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ سال 2025-26ع جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي رپورٽ ۽ سال 2025ع جي سالياني حسابن جي رپورٽ کي متفقه طور منظور ڪيو ويو جنرل ڪائونسل هڪ قرارداد ذريعي علائقي جي موجوده صورتحال ۽ معاشي بحران جي دور ۾ پرنٽ ميڊيا جي خراب حالتن تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو جنهن سبب اخبارون سخت مالي بحران جو شڪار آهن ۽ انهن مان ڪيترائي ادارا تباهي جي ڪناري تي آهن ان صورتحال ۾ ڪائونسل وفاقي حڪومت تي زور ڏنو ته وزيراعظم ميان شهباز شريف جي گذريل دور حڪومت ۾ سرڪاري اگهن ۾ واڌ بابت منظور ٿيل فيصلي تي عمل ڪيو وڃي

بقايا 32 چيف جسٽس

جائزه اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو. اجلاس ۾ وفاقي محتسب نويد ڪامران بلوچ سميت اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي، جتي عدالتي نظام کي جديد ڍنگ تي آڻڻ، ڪيسن جي وقت سر فيصلن ۽ عوامي سهولتن ۾ بهتريءَ بابت قدمن جو جائزو ورتو ويو اجلاس کي ٻڌايو ويو ته گذريل 3 مهينن دوران 3600 نوان ڪيس داخل ٿيا، جڏهن ته 5383 ڪيس اڪلايا ويا، جنهن سان التوا هيٺ ڪيسن جو انگ گهٽ ٿي 34083 رهجي ويو.

بقايا 33 رياض شاهه شيرازي

روهڙي ۾ اوقاف کاتي جي زرعي ۽ شهري ملڪيتن بابت هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو. اجلاس ۾ سيڪريٽري اوقاف اختر حسين بگٽي، چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف حيدرآباد مختيار علي ابڙو، مختلف ضلعن جا ايڊمنسٽريٽر انجنيئر مينيجرز ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران اوقاف کاتي جي ملڪيتن جي اثرائتي استعمال، ڪرائي جي نظام ۾ بهتري ۽ جاري ترقياتي منصوبن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. صوبائي وزير جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ ڪيترائي اهم ۽ عملي نوعيت جا فيصلا ڪيا ويا.

بقايا 34 شاندار استقبال

ڊيائوٽائي اسٽيٽ گيسٽ هائوس اچڻ تي شاندار استقبال ڪيو. ڪالهه اڳاري ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب ٻنهي اڳواڻن جي وچ ۾ اسٽيٽ گيسٽ هائوس ۾ ٻطرفي ملاقات ٿيندي نائب وزيراعظم سينيٽر محمد اسحاق ڊار چين جي هڪ ڏينهن جي سرڪاري دوري تي آهي جتي هو چين جي پرڏيهي وزير وانگ يي سان ملاقات ڪندو. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير کي ان دوري جي دعوت پنهنجي چيني هم منصب وانگ يي ڏني آهي دوري دوران ٻئي اڳواڻ پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ ٻطرفي لاڳاپن جو جامع جائزو وٺندا ۽ گڏيل دلچسپي جي علائقائي ۽ عالمي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندا.

بقايا 35 پروفيسر رئيس

کي جواز بڻائي تعليمي ادارا بند ڪرڻ سان نوجوان نسل کي تعليمي نقصان ٿيندو سنڌ ۾ تعليمي صورتحال کي اطمينان بخش نه ٿو چئي سگهجي خود حڪومتي انگن اکرن موجب، 7.8 ملين ٻار اڄا تائين تعليمي ادارن کان ٻاهر آهن جڏهن ته ان کان اڳ ڪورونا، ٻوڏ ۽ سهولتن جي کوٽ سبب انهن کي تعليمي نقصان برداشت ڪرڻو پيو آهي وڌيڪ بندش جو مطلب آهي سنڌ ۾ لکين ٻارن لاءِ تعليم کان مستقل محرومي آهي سنڌ ۾ تعليمي بهتري لاءِ بند اسڪول کولڻ ضروري آهي تعليمي ادارن ۾ بنيادي سهولتن جي فراهمي خاص طور تي استادن جي حاضري کي يقيني بڻائڻ ۽ انهن جي تدريسي صلاحيتن کي وڌائڻ تي ڌيان ڏنو وڃي ان سان گڏ سياسي ۽ سماجي تنظيمن ۽ والدين کي به ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي جو ته قومون ۽ ملڪ دنيا ۾ تعليم جي بهتري سان ترقي ڪندا آهن اهڙن خيالن جو اظهار هن جماعت اسلامي سنڌ جي ميڊيا سيل جي دوري جي موقعي دوران ڪيو هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ تعليم جي شعبي جي صورتحال ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهي آهي.

بقايا 36 چتاءُ

هيگسيٿ جو چوڻ هو ته ضرورت پئي ته آمريڪي فوج ايران ۾ زميني ڪارروائي لاءِ به مڪمل طور تيار آهي هن وڌيڪ چيو ته آمريڪا ڀرپور طاقت سان ايران اندر حملا ڪري رهيو آهي ۽ ايران جي فضائي حدن ۾ به ڪارروائيون جاري آهن. آمريڪي بچاءُ واري وزير دعويٰ ڪئي ته آمريڪا وٽ گهڻا آپشن موجود آهن.

بقايا 37 صحيحون

اقتصادي رشتي جي واڌاري لاءِ هڪ تاريخي مفاهمتي يادداشت (MoU) تي صحيحون ڪيون ويون. هي معاهدو چيئرمين KPT ريئر ايڊمرل شاهد احمد ۽ بندرگاهه قسطنطه جي جنرل مئنيجر مسٽر ميهائي ٿيوڊورسڪو گڏيل طور تي صحيح ڪيو. تقريب ۾ پاڪستان ۾ رومانيه جو سفير ۽ رومانيه ۾ پاڪستان جو سفير سميت ٻنهي ملڪن جا سفارتي ۽ سرڪاري عملدار پڻ موجود هئا.

بقايا 38 شايع ڪيو ويو

سنڌ جي تاريخدان، محقق ۽ ناميارن صحافي پير حسام الدين راشدي جي چوٽيهاليهين ورسيءَ جي موقعي تي افسانوي ادب تي سنڌس نئون ڪتاب شايع ڪيو ويو آهي ان موقعي تي سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان "عاطف" پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته پير حسام الدين راشدي سنڌ جي علمي ادبي ۽ تاريخي شعور جو هڪ اهم ستون هو جنهن پنهنجي علم تحقيق ۽ لکڻين وسيلي سنڌ جي سڃاڻپ کي عالمي سطح تي اجاگر ڪيو. مخدوم سعيد الزمان "عاطف" وڌيڪ چيو ته پير حسام الدين راشديءَ نه رڳو هڪ عظيم تاريخدان هو پر هڪ باوقار صحافي ۽ دانشور پڻ هو سندس تحقيقي ڪم سنڌ جي تاريخ ثقافت ۽ ادب لاءِ هميشه رهنمائي جو ذريعو رهندو سندس لکڻين ۾ سچائي، سنجيدگي ۽ علمي گهرائي نمايان نظر اچي ٿي، جيڪا ايندڙ نسلن لاءِ هڪ قيمتي سرمايو آهي. مخدوم سعيد الزمان "عاطف" وڌيڪ چيو ته پير حسام الدين راشديءَ جي شخصيت ۽ خدمتن کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي.

بقايا 39 شيڊيول جاري

ڪيون وينديون. اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان طرفان جاري ڪيل شيڊول موجب چونڊ عمل باقاعدي طور 2 اپريل کان شروع ٿيندو، جڏهن ريٽرننگ آفيسرن پاران پبلڪ نوٽيس جاري ڪيا ويندا. شيڊول مطابق اميدوار 6 کان 8 اپريل تائين پنهنجا ڪاغذات نامزدگي جمع ڪرائي سگهندا، جڏهن ته انهن ڪاغذن جي جانچ پڙتال 13 کان 15 اپريل تائين ڪئي ويندي اليڪشن شيڊول ۾ وڌيڪ ڄاڻايو ويو آهي ته اميدوار 30 اپريل تائين پنهنجا ڪاغذات نامزدگي واپس وٺي سگهندا، جنهن کان پوءِ حتمي اميدوارن جي فهرست جاري ڪئي ويندي ۽ چونڊ مهم جو باقاعدي آغاز ٿيندو ياد رهي ته اهي ضمني چونڊون انهن نشستن تي ٿي رهيون آهن جيڪي مختلف سببن جي ڪري خالي ٿي ويون هيون ۽ چونڊن ڪانپوءِ مقامي حڪومتن جي جوڙجڪ وڌيڪ مڪمل ٿي سگهندي

بقايا 40 دڪان سيل

نه هاشو سينٽر ۾ ڪيترن ئي دڪانن پاران فائر سيفٽي جا لازمي انتظام نه ڪيا ويا هئا، جنهن تي اڳواٽ نوٽيس ۽ تنبيه ڏيڻ باوجود عملدرآمد نه ٿيو نتيجي طور دڪانن کي سيل ڪيو ويو. هن وڌيڪ ٻڌايو ته ڪارروائي بابت تفصيلي رپورٽ ڪمشنر ڪراچي سيد حسن نقوي کي پيش ڪئي وئي آهي

بقايا 41 احتجاج

بڄيس،سونهارو بڄير ۽ ٻين چيو آهي ته مڪان مصري ميمڻ ۾ اسان جي 2 نمبر سروي ٻنيءَ آهي،انهي جو ٻالڻ حاجي نور احمد ميمڻ ۽ صديق ميمڻ جعلي ڪاٿو ڪرائي قبضو ڪيو آهي،ان وقت جي تپيدار جهامن داس لوهاڻي جي ملي ڀڳت عيوض حاجي نور احمد ميمڻ جعلي ڪاٿو ڪرائي اسان جي سمورن وارثن کي فوتي ڄاڻايو ويو آهي

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر
هاءِ وي ڊويزن، ٽنڊو محمد خان

NO.EE/TC/G-55/T.M.Khan/285
Dated. 30-03-2026

(EPADS سسٽم) ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

ايگزيڪيوٽو انجنيئر، هاءِ وي ڊويزن، ٽنڊو محمد خان، "اِي پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS)" جي ويب سائيٽ ذريعي http://portalsindh.eprocure.gov.pk/ تي هيٺين ڪمن لاءِ اِي-آڇون گهرائي ٿو. دلچسپي رکندڙ ماڻهو، ٺيڪيدار، ڪمپنيون يا فرمون جيڪي PPRA، EPADS ۽ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) (2025-2026) سان لاڳاپيل ڪيٽيگريءَ ۾ رجسٽرڊ آهن ۽ جن وٽ صحيح رنيوال لمٽ موجود آهي، اهي حصو وٺڻ جا اهل آهن.

شمار نمبر	ڪم جو نالو	ڪُل رقم (ملين ۾)	5% سوئي رقم (ملين رپين ۾)	ٽينڊر في (CDR جي شڪل ۾)	ڪم مڪمل ڪرڻ جو مدو	PEC ڪيٽيگري
1	ٽنڊو محمد خان شهر جي ميونسپل ڪميٽي وارڊ نمبر 01، 03، 06، 11 ۽ 12 ۾ پيونڊ بلاڪن جي اڏاوت.	14.00 (M)	0.7000 (M)	5000/-	12 مهينا	لاڳاپيل ڪيٽيگري
2	مرتضيٰ چوڪ کان مير سجاد ٽالپر تائين پيونڊ بلاڪن جي اڏاوت.	19.00 (M)	0.9500 (M)	5000/-	12 مهينا	لاڳاپيل ڪيٽيگري
3	ٽنڊو محمد خان ملاڪاتيار روڊ کان ڳوٺ ڪڙهالي شريف روڊ ميل 0/0_145+0/3 لنڪ روڊ جي ٻيهر اڏاوت.	17.00 (M)	0.8500 (M)	5000/-	12 مهينا	لاڳاپيل ڪيٽيگري

02. درخواست ڏيڻ جو طريقو

- دستاويز هن ويب سائيٽ http://portalsindh.eprocure.gov.pk/ تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.
- واڪ دستاويز پوسٽ ٿيڻ جي تاريخ کان وٺي جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ تائين EPADS تي موجود رهندا.
- جمع ڪرائڻ جو طريقو: آڇون صرف EPADS سسٽم ذريعي اليڪٽرانڪ طريقي سان جمع ڪرائي سگهبيون. ڪا به مينوئل، فزيڪلي يا ڪوريئر ذريعي موڪليل درخواست قبول نه ڪئي ويندي.
- بڊ سيڪيورٽي ۽ ٽينڊر في: ڪال ڊپازٽ رسيد (CDR) جي صورت ۾ بڊ سيڪيورٽي ۽ ٽينڊر في جون اسڪين ٿيل ڪاپيون EPADS تي اپ لوڊ ڪرڻيون پونديون. اصل دستاويز آڇ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ تائين آفيس ايگزيڪيوٽو انجنيئر هاءِ وي ڊويزن، بي اينڊ آر ڪالوني، مين حيدرآباد_بدين روڊ، ٽنڊو محمد خان ۾ جمع ڪرائڻا پوندا.
- اپ لوڊ ڪيل سڀئي دستاويز پروپرائيٽر پاران صحيح ۽ مهر لڳل هجڻ گهرجن.

03. واڪ جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جو پروگرام:

- E-PADS واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ (ٽيڪنيڪل/فنانشل): پهرين ڪوشش لاءِ 20-04-2026 صبح 10:00 وڳي تائين ۽ ٻي ڪوشش لاءِ (جيڪڏهن ٽينڊرن جو جواب نه مليو) آڇ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 05-05-2026 صبح 10:00 وڳي تائين هوندي.

شمار نمبر	تفصيل	پهرين ڪوشش	ٻي ڪوشش (ٽينڊرز جي موٽ نه ملڻ جي صورت ۾)
2	آڇ جو کولڻ: ٽيڪنيڪل آڇون مٿي ڄاڻايل تاريخ تي EPADS ذريعي عوامي طور کوليون وينديون.	22-04-2026 صبح 11.00 وڳي	07-05-2026 صبح 11.00 وڳي تائين

- صرف انهن آڇ ڏيندڙن جون فنانشل آڇون کوليون وينديون جيڪي ٽيڪنيڪل طور تي اهل قرار ڏنا ويندا. ناڪام ٽيڪنيڪل آڇ ڏيندڙن جون فنانشل آڇون اڻ کليل رهنديون/واپس ڪيون وينديون.

04. لازمي شرط:

1. اليڪٽرانڪ آڇ جا سڀ دستاويز / صفحا اسڪين ڪرڻ ۽ اپ لوڊ ڪرڻ کان اڳ صحيح ۽ مهر لڳل هجڻ گهرجن.
2. آڇ جو ڪارآمدي مدو 90 ڏينهن آهي.
3. شرطيا ٽينڊرن تي غور نه ڪيو ويندو

05. اهليت جو معيار

1. درست PEC (لاڳاپيل ڪيٽيگري ۾)، NTN، ۽ SRB (ايڪٽو ٽيڪس پيئر اسٽيٽس).
2. تجربو: گذريل 5 سالن ۾ ساڳي نوعيت جي ڪمن جي تڪميل:
   (i) ساڳي نوعيت جو هڪ ڪم جنهن جي قيمت اندازي مطابق قيمت جي گهٽ ۾ گهٽ 80% هجي.
   (ii) ساڳي نوعيت جا ٻه ڪم جن مان هر هڪ جي قيمت اندازي مطابق قيمت جي گهٽ ۾ گهٽ 50% هجي.
3. فرم سان هن وقت ملازم سول ۽ اليڪٽريڪل انجنيئرنگ/ٽيڪنيڪل اسٽاف جو (تصديق ٿيل CVs سان گڏ) بايو ڊيٽا.
4. گذريل 5 سالن جو سراسري ساليانو مالي ٽرن اوور پراجيڪٽ جي برابر قيمت کان گهٽ نه هجڻ گهرجي.
5. درست NTN ۽ SRB رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ، "Active Taxpayer" اسٽيٽس هجڻ لازمي آهي ۽ گذريل 3 سالن جون انڪم ٽيڪس رٽرن رسيدون مهيا ڪرڻيون پونديون.
6. -/500 رپين جي اِي_اسٽامپ پيپر تي تازو حلف نامو جنهن ۾ ڄاڻايل هجي ته فرم بليڪ لسٽ ٿيل ناهي، ڪو به قانوني تڪرار ناهي، ۽ فراهم ڪيل سموري ڄاڻ درست آهي.
7. فرم جي نالي تي گذريل 3 سالن جي بئنڪ اڪائونٽ اسٽيٽمينٽ.
8. گذريل 3 سالن جون ساليانيون آڊٽ رپورٽون جيڪي صرف ICAP رجسٽرڊ فرمز جون هجن.
9. پنهنجي يا مسواڙ تي ورتل مشينري/اوزارن جي فهرست دستاويزي ثبوتن سان گڏ.
10. اسفالٽ جي ڪمن لاءِ، اسفالٽ پلانٽ، ٽينڊم رولر، PTR، ۽ پيور مشين جي ملڪيت يا مسواڙ جو دستاويزي ثبوت لازمي آهي.
11. بڊ سيڪيورٽي پاڪستان جي ڪنهن به شيڊول بئنڪ مان ڪال ڊپازٽ رسيد (CDR) جي صورت ۾ هجڻ گهرجي.
12. -/500 رپين جي اِي_اسٽامپ پيپر تي تازو حلف نامو ته فرم کي ڪڏهن به ڪنهن سرڪاري/نيم سرڪاري يا خودمختيار اداري پاران بليڪ لسٽ ناهي ڪيو ويو
13. جوائنٽ وينچرز (JV) جي اجازت نه هوندي.
14. نمائندن کي مالڪ پاران صحيح ڪيل جڊيشل اسٽامپ پيپر تي اٿارٽي ليٽر فراهم ڪرڻو پوندو.

مڪمل ٽيڪنيڪل پروپوزلز جي جائزي لاءِ اهليت جا معيار / ذيلي معيار ها/نه يا پاس/فيل جي بنياد تي آهن: جيڪڏهن ڪو آڇ ڏيندڙ ڪنهن به معيار يا ذيلي معيار ۾ "ها" يا "پاس" حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو ته هو اهل قرار نه ڏنو ويندو.

مجاز اٿارٽي SPPRA Rules-2010 (تاحال ترميم شده) تحت ڪنهن به يا سڀني درخواستن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

جيڪڏهن حڪومت مقرر تاريخن تي ڪنهن عام موڪل جو اعلان ڪري ٿي، ته ٽينڊر ايندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي، SPPRA 2010 جي رول 41(B) جي مطابق معمول جي شيڊول موجب کوليا ويندا.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
هاءِ وي ڊويزن
ٽنڊو محمد خان

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
INF/KRY/1251/2026

ڊائريڪٽوريٽ آف ٽائون پلاننگ،
ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي

فون نمبر: 70-99244761 فيڪس نمبر: 99244766
اي ميل: Info@mda.gos.pk
هيڊ آفيس: G-4/B، بلاڪ-17، گلشن اقبال، ڪراچي

عام اطلاع

عنوان: پلاٽ نمبر VIII G/17/2/A جي 383.44 اسڪوائر يارڊ زمين تي پڌل مجوزه ڪمرشل لي آئوٽ پلان جي منظوري، جيڪو سروي نمبر 278/7، ديهه ٽاٿو، تعلقو مراد ميمڻ، ضلعو ملير ڪراچي مان آهي.

هر عام و خاص کي اطلاع ڏجي ٿو ته ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر-I، ضلعو ملير، ڪراچي پاران سروي نمبر 278/7 ديهه ٽاٿو، تعلقو مراد ميمڻ، ضلعو ملير، ڪراچي مان پلاٽ نمبر G-17/2/A جي 383.44 اسڪوائر يارڊ زمين جي مالڪي جي تصديق ڪري ڊائريڪٽر جنرل MDA جي نالي موڪلي وئي آهي. هيءَ زمين مسٽر عبدالرشيد پٽ محمد آصف (CNIC نمبر 42301-2727786-5)، رهائشي مدني سينٽر JT- 3/8687، گهر نمبر 04، ڪاغذي بازار، ڪراچي، ۽ مسٽر حنيف پٽ انور حسين (CNIC نمبر 42501-9978106-7)، رهائشي گهر نمبر 48، DOSH، فيز-2، ملير ڪينٽ، ڪراچي، پاور آف اٽارني غلام مرتضيٰ پٽ صحبت خان ۽ 25 ٻين جي حق ۾ آهي. ان سلسلي ۾ سندن ليٽر نمبر DC/Malir/K/ Rev.Br/469/2026، تاريخ: 20-02-2026، گڏوگڏ مختيارڪار، تعلقو مراد ميمڻ، ضلعو ملير، ڪراچي جو ليٽر نمبر Mukh/M.M/Malir/K/318/2026 تاريخ: 20-02-2026، جنهن جي تصديق اسسٽنٽ ڪمشنر، سب ڊويزن مراد ميمڻ، ضلعو ملير، ڪراچي پاران ليٽر نمبر AC/ Murad Memon /DM/165/2026 تاريخ: 18-02-2026 ذريعي ڪئي وئي آهي، صرف پلاننگ جي نقط نظر کان لي آئوٽ پلان جي منظوريءَ لاءِ پيش ڪيو ويو آهي.

ان سلسلي ۾، ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي (MDA) ايڪٽ 94-1993ع (ترميمي) ايڪٽ 2013ع ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي ٽائون پلاننگ ريگيوليشنز_2015 جي شق نمبر 2-15.5 جي روشنيءَ ۾ هي عوامي اطلاع شايع ڪيو وڃي ٿو جيڪڏهن ڪنهن به لاڳاپيل شخص يا اداري کي ڪو به اعتراض هجي ته هو پنهنجو اعتراض سڌو سنئون ڊائريڪٽر جنرل MDA، ڊائريڪٽر (اسٽيٽ اينڊ انفورسمينٽ) يا ڊائريڪٽر ٽائون پلاننگ ڊپارٽمينٽ MDA کي هن نوٽيس جي اشاعت جي تاريخ کان 07 ڪم وارن ڏينهن اندر جمع ڪرائي سگهي ٿو MDA جي آفيس G-4/B، بلاڪ_17، گلشن اقبال، ڪراچي ۾ واقع آهي (فون نمبر: 021-99239120، 021-99244762).

مقرر وقت گذرڻ کان پوءِ مليل ڪنهن به اعتراض تي غور نه ڪيو ويندو

لوڪيشن پلان:



اسسٽنٽ ڊائريڪٽر (T.P)
ٽائون پلاننگ ڊپارٽمينٽ،
ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي
فون: 021-99239120, 021-99244762

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
INF/KRY/1287/2026

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

وچ اوڀر ۾ جنگي ڇڪتاڻ: سفارتڪاري يا طاقت جو امتحان؟
صفحو 4

شاهد ڪاظمي
جنگي صورتحال ۾ پاڪستان جو ٽياڪڙيءَ وارو ڪردار
صفحو 4

اڄ جيڪڏهن ذوالفقار علي ڀٽو زنده هجي ها!
محمد خان ابڙو
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن - پهرين اپريل
صفحو 4

ٽري ميرواهه تعلقي ۾ واپاري مافيا سرگرم، سرڪاري اگهه تي ڪڻڪ خريد ڪرڻ کان انڪار

سيٺارجا سميت تعلقي ٽري ميرواهه ۾ واپارين جو آبادگارن سان ظلم برقرار، ڪڻڪ جو من پسند اگهه مقرر

منافعي خور واپاري مافيا سرڪاري طور مقرر ڪيل اگهه 3500 رپيا في مڻ تي ڪڻڪ خريد ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو

سرڪاري خريداري مرڪز کولڻ بدران کاتي جا ذميوار آفيسر چپ ۽ خاموش تماشائي بڻيل آهن اسان تباهه ٿي رهيا آهيون: آبادگار

سيٺارجا تيار ٿيل ڪڻڪ جو ڍيڪ، پورهيت ٿريشر هلي رهيا آهن ٻئي طرف ڪڻڪ زمين تي بيٺل آهي

سيٺارجا(ن ع) سيٺارجا سميت ٽري ميرواهه تعلقي ۾ واپاري مافيا سرگرم، سرڪاري اگهه تي ڪڻڪ خريد ڪرڻ کان انڪار آبادگارن جا واپارين لاهه ڪڍي ڇڏيا، آبادگارن سان نسورو ناحق ، ٽري ميرواهه تعلقي جي آبادگارن ڊي سي خيرپور کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو آهي تفصيلي رپورٽ موجب سيٺارجا سميت تعلقي ٽري ميرواهه ۾ واپارين جو آبادگارن سان ظلم برقرار آهي واپارين پنهنجا من پسند ڪڻڪ جا ريٽ مقرر ڪري ڇڏيا آهن ٽري ميرواهه تعلقي ۾ ڪڻڪ جي خريداري سنگين خطرناڪ صورتحال پيدا ٿي وئي آهي، جتي منافعي خور واپاري مافيا سرڪاري طور مقرر ڪيل اگهه 3500 رپيا في مڻ تي ڪڻڪ خريد ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو آهي جنهن ڪري آبادگار سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا آهن ان حوالي سان آبادگارن محمد علي، علي اظهر، بابو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سخت احتجاج ڪندي چيو آهي ته حڪومت پاران مقرر ڪيل 3500 رپيا في مڻ جي واضح اگهه هوندي به هتان جا واپاري ان جي ابتڙ خريداري ڪري رهيا آهن آهي، جتي واپاري زبردستي 2800 کان 3000 رپين ۾ ڪڻڪ خريد ڪري رهيا آهن. سرڪاري خريداري مرڪز کولڻ بدران کاتي جا ذميوار آفيسر چپ ۽ خاموش تماشائي بڻيل آهن جنهن سان آبادگارن جو معاشي قتل ٿي رهيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته خوراڪ کاتو مڪمل طور ناڪام ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي اهو ادارو آبادگارن لاءِ سهارو نه پر عذاب بڻجي ويو آهي. باردانو جي ورهاست به شفاف نه پر ڪرپشن جو شڪار آهي جتي بااثر واپارين کي ترجيحي بنيادن تي باردانو ڏئي کين ناجائز فائدو پهچايو پيو وڃي، جڏهن ته اصل حقدار آبادگار دربدر ٿي رهيا آهن. هنن چيو ته علائقي ۾ ڪڻڪ جو ڀرپور فصل تيار آهي، پر خوراڪ کاتي جي بي حسي ۽ بي عملي سبب آبادگارن جي سالن جي محنت تباهه ٿيڻ جي ڪناري تي بيٺي آهي. موسمي حالتن جي خراب ٿيڻ ۽ امڪاني برساتن سبب کليل ميدانن ۾ پيل ڪڻڪ ڪنهن به وقت برباد ٿي سگهي ٿي، جنهن جو سڌو ذميوار لاڳاپيل عملدار هوندا هنن اعليٰ اختيارين کان گهر ڪئي ته گهٽ اگهه تي ڪڻڪ خريد ڪندڙ واپارين خلاف سخت ڪارروائي ڪري ۽ آبادگارن کان سرڪاري اگهه تي ڪڻڪ خريد ڪئي وڃي

نصير ڪئنال مان نڪرندڙ مٽيءَ واري مامري جو اينٽي ڪرپشن طرفان نوٽيس وٺڻ باوجود اڳڀرائي نه ٿي

ايس ڊي او بيلدار، سب دارونغن کان انڪوائري لاءِ اينٽي ڪرپشن کاتي طرفان طلب ڪرڻ باوجود پيش نه ٿيا

هڪ سال گذري وڃڻ باوجود به پيش نه ٿيڻ ڪري انڪوائري مڪمل نه ٿي سگهي، مٽي کڻڻ جو سلسلو جاري

مٽيءَ وڪرو ڪرڻ واري مامري جي جاچ مڪمل ڪري ملوث عملدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري بيچيني ختم ڪئي وڃي: ساڃاهه وند

ٽنڊوالهيار(د ر) ٽنڊوالهيار جي نصير ڪئنال مان نڪرندڙ مٽيءَ واري مامري جو اينٽي ڪرپشن طرفان عبرت ۽ سنڌو اخبار جي خبر جو نوٽيس هڪ سال گذرڻ ڪانپوءِ به ملوث عملدار پيش نه ٿيا جنهن ڪري انڪوائري رولڙي جو شڪار ملوث عملدارن اينٽي ڪرپشن طرفان طلبي کي اهميت نه ڏني . آبادگارن ۽ شهرين طرفان حيرت جو اظهار خبر موجب ٽنڊوالهيار جي نصير ڪئنال مان ڪاٽي ڪري نڪرندڙ مٽيءَ کي وڪرو ڪرڻ جي خبر ٽنڊوالهيار مان عبرت اخبار شايع ٿيڻ کان پوءِ به ٽنڊوالهيار جي آبپاشي کاتي جي عملدارن خلاف جنهن ۾ ايس ڊي او بيلدار سب دارونغن کان انڪوائري لاءِ اينٽي ڪرپشن کاتي طرفان کين طلب ڪيو ويو پر هڪ سال گذري وڃڻ باوجود به پيش نه ٿيڻ ڪري انڪوائري مڪمل نه ٿي سگهي آهي ياد رهي ته ٽنڊوالهيار جي نصير ڪئنال مان نڪرندڙ مٽيءَ کي وڪرو ڪرڻ سبب ڪئنال جا ٻئي پاسا ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿي رهيا آهن ان سلسلي ۾ ٽنڊوالهيار جي آبادگارن ۽ شهرين جانچ ڪندڙ ادارن کي اپيل ڪئي آهي ته آبپاشي کاتي ۾ مبينا طور مٽيءَ وڪرو ڪرڻ واري مامري جي جانچ مڪمل ڪري ملوث عملدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري بيچيني ختم ڪئي وڃي

درگاهه سچل حضرت سرمست رح تي لائبريري جوڙڻ لاءِ سنڌ حڪومت پاران 5 ڪروڙ رپين جي گرانٽ منظور

سنڌ حڪومت پاران 5 ڪروڙ رپين جي گرانٽ منظور ڪرڻ تي سچل جي زائرين ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي

حڪومت اعلان ڪندي آهي پر ان تي عمل ناهي ڪندي، هن ڀيري اميد آهي ته اعلان تي مڪمل عمل ٿيندو: زائرين

مذهبي ماڳن جي ترقي سان نه رڳو عوام کي سهولت ملندي، پر صوبي ۾ سياحت کي پڻ هٿي ملندي، ڪم جلد شروع ٿيڻ گهرجي

سوڀوديرو(رپورٽ: فقير محمد عباسي) سنڌ ڪابينا اجلاس ۾ مزارن جي ترقياتي منصوبن جي منظوري ڏني وئي آهي ڪراچي ۾ سنڌ ڪابينا جو اهم اجلاس وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ وزيراعليٰ هائوس ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ صوبي جي مختلف ترقياتي معاملن سميت مزارن ۽ مذهبي ماڳن جي بهتري بابت اهم فيصلا ڪيا ويا. ان موقعي تي محڪمه اوقاف ۽ مذهبي معاملن طرفان مزارن ۽ مذهبي ماڳن جي ترقي لاءِ مختلف منصوبا پيش ڪيا ويا، جن جي غور ويچار ڪانپوءِ سنڌ ڪابينا منظوري ڏئي ڇڏي انهن منصوبن جو مقصد زائرين کي بهتر سهولتون مهيا ڪرڻ ۽ مذهبي سياحت کي هٿي وٺرائڻ آهي. ڪابينا خاص طور تي خيرپور ضلعي جي درازا شريف ۾ قائم عظيم صوفي بزرگ حضرت سچل سرمستؒ جي نالي سان لائبريري قائم ڪرڻ جي منصوبي جي منظوري پڻ ڏني وئي آهي هن منصوبي لاءِ مجموعي طور 5 ڪروڙ 15 لک رپين جي لاڳت مقرر ڪئي وئي آهي، جنهن سان علائقي ۾ علمي ۽ ادبي سرگرمين کي فروغ ملڻ جي اميد ظاهر ڪئي پئي وڃي. جڏهن ته وزيراعليٰ سنڌ اجلاس دوران لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته منظور ٿيل منصوبن تي بنا دير ڪم شروع ڪري هن منصوبي لاءِ فوري طور تي 25 سيڪڙو فنڊ پڻ جاري ڪرڻ جي به منظوري ڏني جيئن ڪم تيزي سان اڳتي وڌي سگهي. ان حوالي سان سيد مراد علي شاهه زور ڀريو ته سنڌ اندر قائم تاليوارين مشهور مزارن تي ايندڙ زائرين کي هر ممڪن سهولت فراهم ڪئي وڃي، جنهن ۾ صفائي ستھرائي سيڪيورٽي ۽ رهائش جون سهولتون شامل آهن هن چيو ته مذهبي ماڳن جي ترقي سان نه رڳو عوام کي سهولت ملندي، پر صوبي ۾ سياحت کي پڻ هٿي ملندي. ٻئي پاسي سچل جي زائرين عقيدتمندن ۽ درازا واسين پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو حڪومت سنڌ گذريل ڪافي سالن کان سچل سائين جي ترقياتي منصوبن بابت اعلان ۽ بجيٽ منظور ته ڪري ٿي پر ان تي عمل نه ٿو ڪيو وڃي هاڻي اميد آهي ته لائبريري جي قيام سان تعليمي حوالي سان بهتري ايندي اها اميد به ٿا ڪريون ته حڪومت سنڌ اهو جلد ئي ڪم شروع ڪندي جئين جلد کان جلد سچل لائبريري تيار ٿي سگهي

غلام الله جي رهواسڻ جو مڙس سميت ٺٽي ۾ احتجاج

ڏينهن اڳ خميسو پٺي ساٿين سميت گهر تي ڪاهه ڪئي: مسڪان پٺي

اسان کي لٺين هٿيون عورتن کي مارڪٽ ڪئي، منهنجي ٻانهن ڀڄي پئي آهي

ٺٽو(د ر) غلام الله جي رهواسڻ مسڪان پٺي، پنهنجي ور حبيب پٺي ۽ سهري حافظ احمد سان گڏ نيشنل پريس ڪلب ٺٽي ۾ دانهيندي چيو آهي ته ٻه ڏينهن اڳ خميسو پٺي، غلام قادر غلام مصطفيٰ پٺي ۽ سندن ساٿين اسان جي گهر تي ڪاهه ڪئي اسان کي لٺين هٿيون عورتن کي مارڪٽ ڪئي ۽ سندن ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيا .مون کي لٺيون هڻيون جنهن سبب منهنجي ٻانهن ڀڄي پئي آهي هن الزام هڻندي چيو ته لٺين سان ليس حمله آورن منهنجي ننڍي ڀيڻ سعوده کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ڪيس گهيليو سندس رڙين تي پاڙي وارا ڊوڙي آيا جن جي اچڻ ڪانپوءِ کيس اغوا ٿيڻ کان بچايو ويو هن چيو ته اسان پوليس پوسٽ غلام الله تي ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ ڏيئي ايف آءِ آر داخل ڪئي پر غلام الله پوليس اسان جي چوڻ موجب ايف آءِ آر داخل نه ڪئي جنهن سبب اسان جي ڪيس کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هن چيو ته حمله آور بااثر آهن اسان جي اچڻ وڃڻ جي لنگهن ۽ گسن تي هٿياربند ٿي بيٺل رهن ٿا ۽ جان سان مارڻ جون ڌمڪيون ڏين ٿا سندن حمايتي ماڻهو فون ڪري ڌمڪائن ٿا جنهن سبب اسان عدم تحفظ جو شڪار آهيون هن وڌيڪ چيو ته اسان تي حملو ڪندڙ اسان جي ڀيڻ سعوده کي اغوا ڪرڻ چاهين ٿا اسان کي انهن مان جان ۽ مال جو خطرو آهي هن ايس ايس پي ٺٽو ۽ ضلعي انتظاميه کان تحفظ ۽ انصاف جو مطالبو ڪيو آهي

NATIONAL PRESS CLUB

ٺٽو غلام الله جي رهواسڻ احتجاج ڪندي

ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي وفد جي رئيس نظير احمد راهو سان ملاقات

سڪرنڊ (س ر) ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي وفد سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد صادق سيال جي اڳواڻيءَ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ رئيس نظير احمد راهو سان شهمير راهو ۾ ملاقات ڪئي جنهن ۾ وفد پاران ڪيس ٿيليسيميا جي ٻارڙن لاءِ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ قائم ڪرڻ لاءِ چيو ويو جنهن تي رئيس نظير احمد راهو پاران جلد بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اعلان ڪندي چيو ته اهي ته نيڪيءَ جا ڪم آهن جيڪي هر ڪنهن کي ڪرڻ گهرجن ان شاءَ الله ان نيڪيءَ جي ڪم ۾ ضرور پنهنجو حصو شامل ڪنداسين ۽ ڪوشش هوندي ته ميگا بلڊ ڊونيشن ڪيمپ هجي جنهن تي سوسائٽي جي جوائنٽ سيڪريٽري غلام نبي ڪيس ٿيليسيميا سينٽر وزٽ ڪرڻ جي دعوت ڏني جيڪا نظير احمد راهو قبول ڪندي سڀاڻي اربع تي سينٽر وزٽ ڪرڻ جو چيو هن اهو پڻ چيو ته سندس فرزند ٽائون ڪاميٽي نيو سعيدآباد جو چيئرمين سرفراز احمد راهو پڻ ساڻس گڏ هوندو ان موقعي تي سينٽر جو فيلڊ مينيجر عامر علي ابڙو ۽ سوسائٽي جو انفارميشن سيڪريٽري قاضي جاويد سنائي پڻ موجود هئا

ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي چيئرمين پاران رين ايمرجنسي لاڳو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جي خاص هدايتن ۽ سڌي نگراني هيٺ، ممڪن برساتن جي پيش نظر رين ايمرجنسي لاڳو ڪندي يوسي 6، يوسي 4 سميت ٻين مختلف يونين ڪاميٽين ۾ برساتي نالن جي هنگامي بنيادن تي صفائي جو ڪم تيزي ۽ مؤثر انداز ۾ جاري آهي. ٽاؤن انتظاميه جا لاڳاپيل آفيسر فيلڊ اسٽاف ۽ ڳري مشينري مڪمل طور تي متحرڪ آهن ۽ مختلف علائقن ۾ لڳاتار ڪم ڪندي نيڪال آب جي نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهيا آهن ته جيئن شهرين کي ڪنهن به امڪاني تڪليف يا پريشاني کان محفوظ رکيو وڃي. چيئرمين حاجي نواز علي بروهي هن حوالي سان سخت ۽ واضح هدايتون جاري ڪندي هدايت ڪئي آهي ته سڀني وڏن ۽ اهم مرڪزي نالن جي مڪمل ۽ بروقت صفائي هر صورت ۾ يقيني بڻائي وڃي. هن وڌيڪ زور ڏنو ته جتي معمولي مشينري سان ڪم ممڪن نه هجي، اتي ڪرينن ۽ ٻين ڳرين اوزارن جي ذريعي ڪوتائي ٿائين صفائي جو عمل مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن برسات دوران پاڻي جي وهڪري ۾ ڪا به رڪاوٽ پيدا نه ٿئي ۽ برساتي پاڻي جي نيڪال بنا ڪنهن رنڊڪ جي جاري رهي. وڌيڪ هن لاڳاپيل عملي کي خبردار ڪيو ته رين ايمرجنسي دوران ڪنهن به قسم جي غفلت، سستي يا ڪوتاهي هرگز برداشت نه ڪئي ويندي ۽ ڪارڪردگي کي هر سطح تي يقيني بڻايو وڃي. هن موقعي تي وائيس چيئرمين رانا محمد عارف، يوسي 8 جي چيئرمين قادر بروهي ۽ سب انجنيئر جنيد صديقي پڻ مختلف هنڌن تي فيلڊ ۾ موجود رهيا ۽ جاري صفائي جي ڪم جو تفصيلي جائزو ورتو. ان دوران لاڳاپيل آفيسرن طرفان چيئرمين کي جاري آپريشن استعمال ٿيندڙ مشينري، عملي جي مقرري ۽ نيڪال آب جي مجموعي انتظامن بابت جامع بريفنگ ڏني وئي. ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي انتظاميه هن عزم جو اعادو ڪيو آهي ته برساتن دوران شهرين کي وڌ کان وڌ رليف فراهم ڪرڻ لاءِ سڀئي موجود وسيلا استعمال ۾ آندا ويندا. وڌيڪ اهو ته منگهوپير ٽاؤن کي هر ممڪن هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ

ڪمشنر سکر پاران گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول پنو عاقل جو دورو

شاگردن کي تاڪيد ڪئي وڃي ته امتحاني مرڪزن ۾ موبائل فون هرگز نه آڻين: ڪمشنر

ڪاپي ڪلچر سماج لاءِ هڪ ناسور آهي جيڪا شاگردن جي مستقبل لاءِ نقصان ڪار آهي

سکر (بيورو رپورٽ) ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول پنو عاقل جو دورو ڪري امتحاني مرڪزن جو جائزو ورتو ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر پنو عاقل عروه الوقفيٰ اسسٽنٽ ڪمشنر جنرل ارسلان ڦلپوٽو مختيارڪار پنو عاقل ۽ ٻيا عملدار ساڻس گڏ هئا. ڪمشنر سکر ڊويزن امتحاني مرڪز ۾ ضبط ڪيل موبائل فون بابت ايڪسٽرنل مشتاق احمد شيخ اسڪول پرنسپل عبدالقيوم واگهو ۽ انوجيليٽرز کي هدايت ڪئي ته شاگردن کي سختي سان تاڪيد ڪئي وڃي ته امتحاني مرڪزن ۾ موبائل فون هرگز نه آڻين. ڪاپي ڪلچر سماج لاءِ هڪ ناسور آهي جيڪا شاگردن جي مستقبل لاءِ نقصان ڪار آهي ۽ قابليت کي ختم ڪري ڇڏي ٿو. ڪمشنر سکر اسڪول انتظاميا کي هدايت ڪئي ته شاگردن لاءِ ڪلاس رومن ۾ مناسب روشني ۽ پيئڻ لاءِ صاف پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. ان موقعي تي سکر تعليمي بورڊ جي پنج رڪني اسپيشل ٽيم پڻ موجود هئي.

سکر ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي امتحاني سينٽرن جو دورو ڪندي

وڏي وزير ۽ وفاقي محتسب ۾ ملاقات اڳڀرائي قرار

شاهه ۽ نويد ڪامران بلوچ ۾ ملاقات جي آجيان ڪيون ٿا: قاضي ناظم نعيم

ملاقات انصاف جي حاصلات کي بهتر بڻائڻ ۽ ادارن وچ ۾ هم آهنگي وڌائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) وفاقي محتسب حيدرآباد جي ڊپٽي ڊائريڪٽر قاضي ناظم نعيم چيو آهي ته سنڌ جي وڏي وزير ۽ وفاقي محتسب نويد ڪامران بلوچ وچ ۾ ملاقات عوام کي مفت انصاف فراهم ڪرڻ واري نظام کي بهتر بڻائڻ ۾ اڳڀرائي آهي. هن چيو ته سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ نويد ڪامران بلوچ وچ ۾ ٿيل

انصاف فراهم ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي. هن چيو ته وفاقي محتسب نويد ڪامران بلوچ جون ڪوششون مقرر وقت اندر تيز ۽ مفت انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ ساراهه جوڳيون آهن. بجلي ورهائڻ واري ادارن، نادرا، پي آءِ اي ۽ پاسپورٽ آفيسن جهڙن اهم ادارن سان لاڳاپيل شڪايتن کي حل ڪرڻ لاءِ سرگرميون عوامي ڀلائي جي عڪاسي ڪن

ڊٺون ڪوٽ سب ڊويزن ۾ پاڻي چوري ٿيڻ واري معاملي جو نوٽيس

آبپاشي انجنيئر پاران پان شاخ ۽ ڏڙيلو شاخ جو دورو، ٽئل واٽر بند ڪرڻ جو حڪم

پاڻي چوري ۾ ملوث عملدارن کي ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪبو: آبپاشي انجنيئر

نفيس نگر(ن ع) ڊٺون ڪوٽ سب ڊويزن جي پان شاخ جو ريگيوليٽر وڏان ڏکو ڪوڙڻ ۽ ڏڙيلو شاخ جا ٽيل وارا واٽر ڪورس ڪوڙي پاڻي وڪرو ڪرڻ واري معاملي جون ميڊيا تي خبرون اچڻ بعد آبپاشي انجنيئر نوٽيس ورتو ۽ ايم ڊي منصور ميمڻ جي خاص هدايتن تي جاڳايل بنهي شاخن جو دورو ڪري پان شاخ جو ڏڪو ڪوڙڻ ۽ ڏڙيلو شاخ جي ٽئل ٽيل وارن واٽرن جو معائنو ڪيو ان موقعي تي آبپاشي انجنيئر عملدارن مٿان سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي فوري طور ٽئل واٽرن کي بند ڪرڻ ۽ پان شاخ جي ٽئل ڏڪي کي درست ڪرڻ جو حڪم ڏيئي ڇڏيو ان موقعي تي آبپاشي انجنيئر خان محمد ميمڻ ٻڌايو ته پاڻي چوري ۾ ملوث عملدارن کي ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪبو متاثر آبادگارن سان گڏ آهيان

نفيس نگر آبپاشي انجنيئر ڏڙيلو شاخ ۽ پان شاخ جو دورو ڪرڻ دوران واٽرن ۽ پان شاخ جو معائنو ڪندي

ٽنڊوالهيار جي آل پراپرٽي ڊيلر ايسوسيئيشن پاران مظاهرو

روينيو کاتي خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

من پسند اگهه نه ڏيڻ تي مهينن جا مهينا دربدر ڪيو وڃي ٿو: مظاهرين

ٽنڊوالهيار(د ر) ٽنڊوالهيار جي آل پراپرٽي ڊيلر ايسوسيئيشن پاران روينيو کاتي خلاف ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي آل پراپرٽي ڊيلر ايسوسيئيشن جي اڳواڻن دلدار حسين ميرجت ۽ ٻين احتجاج ڪرڻ بعد پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته ٽنڊوالهيار جي روينيو کاتي ۾ سيل سرٽيفڪيٽن سميت داخلائن رجسٽرين ۽ ٻين ڪمن جا ايجنٽ من پسند اوڳاڙي ڪري شهرين کي ٻنهي هٿن سان ڦري رهيا آهن من پسند اگهه نه ڏيڻ تي مهينن جا مهينا دربدر ڪيو وڃي ٿو ۽ ڪم نٿا ڪيا وڃن هنن چيو ته اسان ڊي سي، اي سي، مختيارڪار سميت سمورن لاڳاپيل عملدارن کي دانهون ڏنيون آهن ڪير به ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي روينيو کاتي ۾ هر ڪم جا الڳ الڳ اگهه مقرر ڪري ڇڏيا آهن جيڪو ظلم بند ڪيو وڃي مجبور ٿي احتجاج ڪري رهيا آهيون هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته روينيو کاتي کي 5 ڏينهن جو الٽيميٽم ڏيون ٿا ته ايجنٽن خلاف ڪارروائي ڪري اسان جا مسئلا حل ڪيا وڃن 5 ڏينهن ۾ تدارڪ نه ٿيو ته روينيو کاتي ۽ ضلعي انتظاميا خلاف پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هڻي مطالبن جي مڃتا تائين بک هڙتال ڪئمپ قائم ڪئي ويندي

ٽنڊوالهيار پريس ڪلب

ٽنڊوالهيار آل پراپرٽي ڊيلر ايسوسيئيشن جا اڳواڻ روينيو کاتي خلاف احتجاج بعد پريس ڪانفرنس ڪندي

مڪاني اداري جي رٽائرڊ ملازمن پاران پينشن نه ملڻ خلاف احتجاج

شهيد ڀٽو جي ورسي جو موقعي تي پينشن جو جنازو ڪڍڻ جو اعلان

ورسي جي موقعي تي پينشن جو جنازو ڪڍي جنازي نماز پڙهنداسين: مظاهرين

ٽنڊوڄام (ت ر) مڪاني اداري جي رٽائرڊ ملازمن جو پنجن مهينن کان پينشن نه ملڻ خلاف احتجاج جاري آهي رٽائرڊ ملازمن آچر ڪاتيان خليل آرائين شرافت راجپوت پروين ارشاد مسيح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٽنڊوڄام پريس ڪلب آڏو 27هين ڏينهن به ڌرڻو هڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو انهي موقعي تي ميئر ڪاشف شورو ڪمشنر بلديا ظهور لکڻ خلاف ڇڙي نعريبازي ڪئي وئي اڳواڻن چيو ته ميئر حيدرآباد ڪاشف شورو ۽ ڪمشنر بلديا بنا جواز 745 رٽائرڊ ملازمن جي پينشن بند ڪري ڇڏي آهي، جنهن خلاف 27 ڏينهن کان احتجاج ڪري رهيا آهيون پر انتظاميه ڪا سنجيدگي نه پئي ڏيکاري هنن چيو ته جيڪڏهن 3 اپريل تائين پينشن جاري نه ڪئي وئي ته 4 اپريل قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي جي موقعي تي پينشن جو جنازو ڪڍي جنازي نماز پڙهنداسين

ٽنڊوڄام مڪاني اداري جي رٽائرڊ ملازم پينشن نه ملڻ خلاف احتجاج ڪندي

مورو سانحي جي بيگناهه قيدين جي آزادي لاءِ احتجاج جاري

وارثن 17هين ڏينهن به پنهنجي پيارن جي آزادي لاءِ احتجاج ڪيو

اسان جي پيارن کي آزاد ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي: وارثن جو مطالبو

مورو (ن ع) مورو سانحي جي بيگناهه قيد ڪيل قيدين جي آزادي لاءِ 17 ڏينهن به وارثن مردن عورتن نياڻين ٻارڙن اسڪين ونين پيرسن والدين سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن جي اڳواڻن ڪارڪنن شهرين پاران پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو انصاف ناهي جو پلا ڪربلا ڪربلا اسين ڇا گهرون ٿا آزادي پنهنجن جي گهرون ٿا آزادي پيارن جي گهرون ٿا آزادي جوڊيشنل کي آزاد ڪيو جا نعره هڻي رهيا هئا ان موقعي تي ايس يو پي جي محمد ياسين سومرو ايڊووڪيٽ سليم لغاري اسرار احمد پٺي علي دوست رند نواز علي ڪلهوڙو توڪل جويو وسيم سجاد لغاري قبران لغاري فرحان لغاري ۽ ٻين چيو ته شهر مورو ۽ ڳوٺ لغاري بجراڻي جا 60 قيدي غريب هاري مزدور دڪاندار پوليس اهلڪار استاد شاگرد ڏهن مهينن کان بنا ڪنهن ڏوهه جي ڊسٽرڪٽ جيل نوشهروفيروز ۾ قيد لڳا پيا آهن انهن مسڪينن تي دهشتگردي جا ڪوڙا ڪيس سنڌ حڪومت جي طرفان داخل ڪرايا ويا آهن انهن جي ملاقاتن ضمانتن تي بندش آهي سيل وارڊ لڳا پيا آهن انهن سان ظلم جبر ڏاڍ بربريت ڪئي وئي آهي مظلوم غريب بي سهارا بي گناهه ماڻهو ڪوڙن ڪيسن ۾ جيل ۾ آهن ڏاڍيل دهشتگرد رهزن ڌوڙاري سنڌ حڪومت جا شاهي مهمان بڻيل آهن پوليس سرپرستي ۾ ڏاڍيل سڪر ۾ شاپنگ پيا ڪن ته ٻي طرف شهر مورو ۽ ڳوٺ لغاري جا بيگناهه 60 ماڻهو ڪي ڏهن مهينن کان قيد آهن اها آهي سنڌ حڪومت جي ظلم جي حڪمراني 18 سالن کان وزير اعلي سنڌ رهندڙ وٽ ڌاڙيلن سان رعايت ۽ مورو جي مظلوم ماڻهن کي قيد جو ڪو جواب آهي هنن چيو ته هاڻي قيدين جي وارثن کي رات جو بند ڏل ماڻهو درن تي اچي احتجاج نه ڪرڻ ۽ سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ملي رهيون آهن ڇا اسان پنهنجن بيگناهه پيارن جي آزادي لاءِ احتجاج به نه ڪيون ايس ايس پي ڌمڪين واري معاملي جو نوٽيس وٺي ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي قيدين جي وارثن سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ڏيهي توڙي پرڏيهي انساني حقن جي تنظيمن ۽ انصاف جي ادارن کي پرزور ڪئي آهي ته سنڌ حڪومت جي ظلم کان اسان کي نجات ڏياري وڃي بيگناهه قيدين کي آزاد ڪيو وڃي ڌمڪيون ڏيندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي

STOP VIOLENCE
20 مئي کان

مورو مورو سانحي جي بيگناهه قيدين جي آزادي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

چوهڙجمالي پريس ڪلب ۾ بزرگ شهرين جو احتجاج

بزرگ شهري پنهنجن جائز حقن لاءِ در در ڀٽڪڻ تي مجبور آهن: محمد صديق ميمڻ

ٺٽو ۾ اي او بي آئي جي پينشنرز سان ٿيندڙ ناانصافي انتها تي پهچي وئي آهي

چوهڙ جمالي(ن ع) چوهڙجمالي پريس ڪلب ۾ بزرگ شهري سائين محمد صديق ميمڻ غلام مصطفيٰ گل عمراڻي ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو آهي ته ٺٽو ۾ اي او بي آئي جي پينشنرز سان ٿيندڙ ناانصافي انتها تي پهچي وئي، جتي بزرگ شهري پنهنجن جائز حقن لاءِ در در ڀٽڪڻ تي مجبور آهن. دفتري نظام مڪمل طور ناڪام ٿي چڪو آهي ۽ انتظامي بدانتظامي سبب پينشنرز کي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ذلت ڀريو انتظار ڪرڻو پوي ٿو. هنن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته آفيسن ۾ نه ڪو مناسب بندوبست آهي نه ئي عملو پنهنجون ذميواريون نڀائي رهيو آهي. عملي جي لاپرواهي ۽ بيحسي سبب بزرگ پينشنرز جي تڪليفن ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿي رهيو آهي جيڪو هڪ سنجيده انساني مسئلو بڻجي چڪو آهي. متاثر پينشنرز سخت ردعمل ڏيندي چيو آهي ته هي رويو سندن عزت نفس تي سڌو وار آهي. هنن اعليٰ اختيارين کي خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن فوري قدم نه کنيا ويا ته احتجاج جو دائرو وسيع ٿي سگهي ٿو. پينشنرز جو مطالبو آهي ته: دفتري نظام کي فوري طور تي درست ڪيو وڃي، ذميوار عملي خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، بزرگ شهرين لاءِ الڳ ۽ باعزت سهولتون مهيا ڪيون وڃن

خراب گدرو ٿو ڏين: شهدادپور ۾ خاصخيلي اٽڪي پيا

شهدادپور(ن ع) شهدادپور پرسان ڳوٺ مهر علي ٽالپر ۾ خراب گدرو ڏيڻ تان ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران لٺيون ۽ سوٽا لڳڻ سبب هڪ عورت سميت 12 ڄڻا زخمي ٿي پيا. خاصخيلين برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ ريڙهي تان ورتل گدرو خراب نڪرڻ تي تڪرار وڌي جهيڙي جي صورت اختيار ڪري ويو. جهيڙي دوران ٻنهي پاسن کان سخت

ٿيا. زخمين کي فوري طور تي سول اسپتال شهدادپور منتقل ڪيو ويو جتي کين طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي. زخمين موجب جهيڙو صرف خراب گدرو ڏيڻ تان شروع ٿيو جيڪو وڌي تشدد ۾ تبديل ٿي ويو.پوليس واقعي جي رپورٽ داخل ڪري 6ڄڻن کي حراست ۾ وٺڻ بعد وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.واضح رهي ته سنڌ جي مختلف علائقن ۾ اڳ به

ٽنڊوڄام جي علائقي مير ڪالوني ۾ ڊسپوزل جو کليل کوهه رهواسين لاءِ خطرو بڻيل

ڊسپوزل جي کوهه کي ڪابه حفاظتي ديوار نه هجڻ سبب ڪنهن به وقت ڪو سانحو پيش اچڻ جو خدشو

گهٽي جي رهواسين پنهنجي طور تي ڊسپوزل جي کوهه کي ڪاٺين جو جهنگلو ڏيڻ باوجود خطرو بدستور برقرار

کوهه کي ديوار ناهي، گهٽي کي پڪو ڪرڻ جو ڪم به يوسي چيئرمين هڪ سال کان اڌ ۾ ڇڏي غائب ٿي ويو آهي: رهواسي

ٽنڊوڄام مير ڪالوني ۾ ڊسپوزل جو کليل کوهه

ٽنڊوڄام(ت ر) ٽنڊوڄام جي علائقي مير ڪالوني ۾ ڊسپوزل جو کليل کوهه رهواسين لاءِ خطرو بڻيل آهي يوسي 66 جي علائقي مير ڪالوني جي پهرين گهٽي جي ڪني پاڻي جي ڊسپوزل جي کوهه کي ڪابه حفاظتي ديوار نه هجڻ سبب ڪنهن به وقت ڪو سانحو پيش اچي سگهي ٿو ڪني پاڻي سان ڀريل ڊسپوزل کليل حالت ۾ آهي ۽ ان کي ڪابه حفاظتي ديوار نه آهي جنهن سبب ڪنهن به وقت ڪالوني جو رهواسي يا ڪو معصوم ٻار هن کوهه ۾ ڪري سگهي ٿو گهٽي جي رهواسين پنهنجي طور تي ڊسپوزل جي کوهه کي ڪاٺين جو جهنگلو ڏنو آهي پر خطرو پنهنجي جاءِ تي موجود آهي گهٽي جي رهواسين اعجاز سومرو سهيل سيال ۽ ٻين چيو آهي ته گهٽي جي نالي هيٺ هجڻ سبب ڪني پاڻي جي نيڪال لاءِ اسان پنهنجي مدد پاڻ تحت ڊسپوزل ٺهرائي ان تي موٽر لڳرايو آهي هنن چيو ته اسان جي گهٽي کي پڪو ڪرڻ جو ڪم به يوسي چيئرمين هڪ سال کان اڌ ۾ ڇڏي غائب ٿي ويو آهي هنن چيو ته وس وارن مير ڪالوني کي نڌڻڪو ڪري ڇڏيو آهي هنن گهر ڪئي ته ڊسپوزل جي کوهه کي چوديواري ڏئي علائقي واسين جي جانين کي محفوظ بڻايو وڃي واضح رهي ته ٻه ڏينهن اڳ پڻ يوسي 66 ۾ هڪ معصوم ٻار مين هول ۾ ڪري پيو هو جنهن کي پاڙي وارن وڏي جدوجهد بعد زخمي حالت ۾ ٻاهر ڪڍيو هو

هالا ۾ بنا لائسنس جي هلندڙ ميڊيڪل اسٽور ۽ عطائي ڊاڪٽر موت جا سوداگر بڻجي ويا

فارما ڪمپنين جي آشرواد سان بنا لائسنس جي هلندڙ ميڊيڪل اسٽور ۽ عطائي ڊاڪٽر انساني جانين سان کيڏڻ لڳا

ضلعي انتظاميا توڙي صحت کاتو مڪمل طور تي غائب، ڊرگ انسپيڪٽر به اکين تي نوٽن جون پٽيون ٻڌي ڇڏيون

ميڊيڪل اسٽورن تي نشي آور، مدي خارج ۽ غير معياري دوائن جو سرعام وڪرو، ڪيترائي نوجوان حياتيون وڃائي ويٺا

هالا(ن ع) هالا شهر جي مختلف علائقن ۾ فارما ڪمپنين جي آشرواد سان بنا لائسنس ۽ بنا بي فارميسي سرٽيفڪيٽ جي ميڊيڪل اسٽور هلڻ لڳا آهن. ميڊيڪل اسٽورن تي نشي آور، مدي خارج ۽ غير معياري دوائن جو وڪرو سرعام ڪيو پيو وڃي. نشي آور گورين واپرائڻ سبب ڪيترائي نوجوان حياتيون وڃائي ويٺا آهن. جڏهن ته شهر جي چوڪن چوراهن تي عطائي ۽ سيڪواٽ ڊاڪٽرن پنهنجا ديرا ڄمائي ڇڏيا آهن جيڪي پڻ انساني جانين تي تجربا ڪري غريب مسڪين ماڻهن کي موت طرف ڌڪي رهيا آهن. عطائي ڊاڪٽرن ۽ ميڊيڪل اسٽورن کي فارما ڪمپنين پاران دوائون وڪرو ڪرڻ جا ڏنل ٽارگيٽ پورا ڪرڻ تي ٻاهرين ملڪن جي ٽوئرن سميت مختلف سٺيا پيڪيج پڻ ڏنا وڃن ٿا ۽ کين هر غيرقانوني سپورٽ پڻ ڪئي وڃي ٿي. شهرين پاران غيرقانوني ميڊيڪل اسٽورن ۽ عطائي ڊاڪٽرن خلاف مختلف وقتن تي شڪايتون ڪرڻ باوجود صحت کاتو اگهور ننڊ ۾ ستل آهي جڏهن ته ڊرگ انسپيڪٽر پڻ اکين تي نوٽن جون پٽيون ٻڌي خاموشي اختيار ڪري ڇڏي آهي جنهن سبب ميڊيڪل اسٽورن توڙي عطائي ڊاڪٽرن خلاف اڄا تائين ڪابه ڪارروائي عمل ۾ نه اچي سگهي آهي. هالا ۾ وڌندڙ غيرقانوني ميڊيڪل اسٽورن ۽ عطائي ڊاڪٽرن جي آزار تي شهرين پاران سخت ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي وزيراعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه صحت کاتي جي صوبائي وزير عذرا پيچوهو ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته شهر اندر فارما ڪمپنين سميت هلندڙ غيرقانوني ميڊيڪل اسٽورن ۽ عطائي ڊاڪٽرن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪري انساني جانيون بچايون وڃن

سکر تعليمي بورڊ جي انتظام هيٺ نائين ۽ ڏهين ڪلاس جا امتحان وٺڻ جو سلسلو جاري

نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي هڪ لک ڏهه هزار کان وڌيڪ شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ 234 سينٽر قائم

سکر ضلعي جي 62 ۽ خيرپور ميرس ضلعي جي 117 امتحاني سينٽرن تي ڪاپي کي روڪڻ لاءِ 33 وجيلنس ٽيمون جوڙيون ويون

امتحاني سينٽرن تي پيپر جي وقت بجلي چالو رکڻ جي سلسلي ۾ سيپڪو اختيارين سان ڳالهه ڪئي آهي: چيئرمين تعليمي بورڊ

سکر(بيورو رپورٽ) سکر تعليمي بورڊ جي انتظام هيٺ نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي شاگردن ۽ شاگردياڻين کان امتحان وٺڻ جو سلسلو جاري آهي. گهوٽڪي سکر ۽ خيرپور ميرس ضلعي ۾ نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي هڪ لک ڏهه هزار کان وڌيڪ شاگردن ۽ شاگردياڻين کان 234 امتحاني سينٽرن تي صبح ۽ شام جو ٻن شفٽن ۾ پيپر ورتو پيو وڃي. ان حوالي سان چيئرمين سکر تعليمي بورڊ زاهد علي چنڙ ميڊيا نمائندن سان ڳالهائيندي چيو ته ساليانو امتحان دوران گهوٽڪي ضلعي جي 51 امتحاني سينٽرن، سکر ضلعي جي 62 ۽ خيرپور ميرس ضلعي جي 117 امتحاني سينٽرن تي ڪاپي کي روڪڻ لاءِ 33 وجيلنس ٽيمون جوڙيون ويون آهن جڏهن ته 5 خاص وجيلنس ٽيمن جي پڻ جوڙجڪ ڪئي وئي آهي، جيڪي 33 وجيلنس ٽيمن جي مانيٽرنگ ڪري رهيون آهن امتحاني سينٽرن تي موبائيل ۽ گائيڊ بڪ کڻي اچڻ تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي. جيڪڏهن شاگرد توڙي شاگردياڻيون موبائيل وغيره کڻي ٿا اچن ته اهي ايڪسٽرنل ۽ انٽرنل ڪليڪشن ڪري پاڻ وٽ رکندا، جيڪي بعد ۾ پيپر ختم ٿيڻ ڪانپوءِ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي واپس ڪيا ويندا. ڪاپي جي روڪٿام لاءِ ضلعن جي انتظاميا طرفان ڇاپا مار ٽيمون سينٽرن جو دورو ڪري رهيون آهن هن ٻڌايو ته امتحاني سينٽرن تي پيپر جي وقت بجلي چالو رکڻ جي سلسلي ۾ سيپڪو اختيارين سان ڳالهه ڪئي وئي آهي ان کان علاوه ڪمشنر سکر ڊويزن سان امتحاني سينٽرن ٻاهران سيڪيورٽي انتظامن بابت ڳالهه ڪئي وئي، سينٽرن تي پيئڻ جي پاڻي جي انتظام ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ڪجهه سينٽرن ۾ ميڊيڪل ڪئمپس پڻ لڳايون ويون آهن هن ٻڌايو ته جوابي ڪاپيون چيڪ ڪرڻ لاءِ بهتر ميڪنزم جوڙيو ويو آهي. جنهن سان شفاف نتيجو ايندو نتيجي جي حوالي سان ٽرانسپيرنسي جو خيال رکيو ويو آهي هن سال نائين ۽ ڏهين ڪلاس سميت يارهين ۽ ٻارهين ڪلاس جي ساليانه امتحانن جا نتيجا جديد ڪمپيوٽرائيز طريقيڪار مڪمل ڪرڻ بعد ظاهر ڪيا ويندا.

سڪرنڊ جي سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي جي گهر تي هلان خلاف ڪنا

سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي تي حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي

مهراڻ ڪالوني کي بلاڪ ڪيو وڃي ته جيئن شهرين تان عذاب ختم ٿي سگهي: اڳواڻ

سڪرنڊ (س ر) مهراڻ ڪالوني سڪرنڊ جي مبينه منشيات فروش ۽ مختلف ڪرائيمس ۾ ملوث جوابدارن پاران سڪرنڊ جي سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي جي گهر مان چوري ڪرڻ جي ارادي سان داخل ٿيڻ بعد مزاحمت تي ڪيس زخمي ڪرڻ ۽ بيهرتوليءَ جي صورت ۾ قاضي هائوس تي هلان ڪري حملو ڪرڻ خلاف سڪرنڊ شهر سراپا احتجاج مختلف تنظيمن جي سربراهن سياسي سماجي اڳواڻن علمي ادبي شخصيتن سميت صحافين جو گڏيل اجلاس شهري اتحاد سڪرنڊ جي آفيس ۾ صدر سانول ڪيريو جي صدارت هيٺ ۾ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ شهر جي سوين واپارين ۽ معزز شخصيتن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ سڪرنڊ شهر جي سماج سڌارڪ هر وقت تعليم ۽ صحت سميت مختلف سماجي پاسن تي ڪم ڪندڙ سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي تي حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي ۽ اڪثريت راءِ سان مطالبو ڪيو ويو ته مهراڻ ڪالوني جيڪا منشيات سميت مختلف ڏوهن ۽ ڏوهارين جو مرڪز آهي جنهن ڪالوني ۾ پوليس پڻ وڃڻ کان لهرائيندي آهي جڏهن ته پوليس ڪئي ڀيرا ان ڪالوني مان زخمي ٿي موٽي آهي ان ڪري اجلاس ۾ چونڊيل نمائندن ، ضلعي انتظاميه ۽ سنڌ سرڪار کان مطالبو ڪيو ويو ته مهراڻ ڪالوني کي بلڊوز ڪيو وڃي ته جيئن شهرين تان عذاب ختم ٿي سگهي اجلاس ۾ اها پڻ تجوير آئي ته مهراڻ ڪالوني کي بلڊوز ڪرڻ بعد اتي چلڊرين پارڪ يا شاپنگ مال تعمير ڪرايو وڃي ته جيئن شهرين کي تفريحي ماڳ يا ڪاروبار جا ذريعا ملي سگهن اجلاس ۾ سڪرنڊ پريس ڪلب جي صدر غلام حيدر سولنگي ، غلام نبي ملاح ، شهري اتحاد جي سرپرست نياز لاشاري ، حيدر خانزاده ، ايس يو پي جي ايوب ڪوسو، پرويز سومرو ، سونارا ايسوسيئيشن جي پيو سونارو ، رضا محمد سيال ، ذيشان سومرو، ميڊيا سيڪٽر جي صدر قربان عمراڻي ، انڊس جي مجيد عباسي ، تعليمي ماهر ارشد آرائين ، مراد علي ملاح ، جاويد سومرو ،نويد سومرو، انجنيئر احمد انصاري، راهب ڪيريو، اياز سولنگي، راشد مڪرم ، لطيف سولنگي ،قربان چوهاڻ ، عبدالحميد آرائين ، ميمڻ جماعت جي غلام مصطفيٰ ميمڻ ۽ عبدالقادر گبول سميت ڪئي شخصيتن شريڪ هيون هوڏانهن سڪرنڊ پوليس قاضي جاويد سنائي جي فرياد تي ايف آءِ آر داخل ڪرڻ بعد ابتدائي مرحلي ۾ ڇهن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي اجلاس ۾ اهو پڻ فيصلو ڪيو ويو ته مهراڻ ڪالوني جي ٻوڙا فورس سميت ڏوهارين خلاف مرحليوار تحريڪ جاري رهندي شهري همت ڪن ته جيئن ان عذاب مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهجي هوڏانهن سردار جام تماچي انڙ ، سردار عبدالستار ڪيريو ، رئيس نظير احمد راهو ، رئيس غلام رسول انڙ ، ايم پي اي غلام قادر چانڊيو ۽ جسقم اڳواڻ آصف رضا مگسي سميت ڪيترن شخصيتن قاضي جاويد سنائي کي ساٿس ساٿ ۽ سهڪار جو يقين ڏياريو آهي



سڪرنڊ سڪرنڊ جي سينئر صحافي قاضي جاويد سنائي جي گهر تي هلان خلاف ڪٺ ٿي رهيو آهي

سڳيون جي ڪچي واري علائقي ۾ نوجوان کي نانگ ڪکي وڌو

سڳيون(ن ع) سڳيون جي ڪچي واري علائقي ڳوٺ حاجي آدم خان ڪلهوڙو جي رهواسي 22 ورهين جي نوجوان محراب علي ولد زاهد ڪلهوڙو کي زهريلي نانگ ڪکي زخمي ڪري وڌو نوجوان کي فوري طور تي پي پي ايڇ آءِ جي تعاون سان هلندڙ بيسڪ هيلٿ يونٽ سڳيون اسپتال آندو ويو جتي کيس ابتدائي طبي امداد ويڪسين ڪرڻ بعد 1122 رسڪيو ايمبولينس ذريعي گمبٽ جي گمس اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جتي سندس علاج هلندڙ آهي ان موقعي تي زخمي نوجوان جي وارثن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان علائقي جي سياسي سماجي اڳواڻ ۽ صحافي اتحاد خيرپور جي مرڪزي اڳواڻ ميان اسدالله چنا جا نهايت شڪر گذار آهيون جنهن جي ڪوشش سان اسان جي نوجوان کي نانگ جي ڪکڻ کان بچاءُ جي ويڪسين ڪرڻ بعد 1122 رسڪيو ايمبولينس ذريعي گمبٽ جي گمس اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جتي سندس علاج هلندڙ آهي

سڳيون نانگ ڪکيل نوجوان اسپتال ۾ داخل آهي

سياست کي هميشه خلق جي خدمت ۽ عبادت طور سمجهي ڪندا آهيون: تحسين ميراڻي / اورنگزيب جهيجو

مسوبرڙو (ن ع) مسوبرڙو پرسان جهيجو هائوس تي يونين ڪائونسل 69 جي چيئرمين تحسين احمد مرڙاڻي ۽ يونين ڪائونسل 70 جي چيئرمين اورنگزيب جهيجو گڏيل ميڊيا ٽاڪ ڪندي چيو آهي ته هو سياست کي هميشه خلق جي خدمت ۽ عبادت طور سمجهي ڪندا آيا آهن ۽ مستقبل ۾ به انهي جذبي سان عوام جي خدمت جاري رکندا. هنن چيو ته سياست کين پنهنجن وڏڙن کان ورثي ۾ ملي آهي ۽ هو پنهنجي علائقي جي بهتري لاءِ مڪمل سنجيدگي سان ڪم ڪري رهيا آهن ٻنهي اڳواڻن واضح ڪيو ته علائقي ۾ منشيات جهڙي ناسور کي هرگز برداشت نه ڪيو ويندو ۽ ان جي خاتمي لاءِ سخت قدم کنيا ويندا. چيئرمين وڌيڪ ٻڌايو ته هنن ضلعي حيدرآباد جي انتظاميا کي به لکت ۾ آگاهه ڪيو آهي ته منشيات فروشن خلاف ڪارروائي تيز ڪري انهن جو گهيرو تنگ ڪيو وڃي هنن چيو ته منشيات جي خاتمي خلاف ڪجهه شرپسند عنصر واويلا ڪري رهيا آهن پر اهڙن ماڻهن کي واضح پيغام ڏجي ٿو ته علائقي کي منشيات کان پاڪ بڻائڻ لاءِ ڪنهن به دٻاءَ کي قبول نه ڪيو ويندو هنن پنهنجي ويژن بابت ڳالهائيندي چيو ته هو چاهين ٿا ته علائقي جو هر نوجوان تعليم يافته بڻجي ۽ مستقبل ۾ عبدالقدير خان بينظير ڀٽو ملالا يوسفزئي ۽ عبدالستار ايڌي جهڙن عظيم شخصيتن جي راهه تي هلي ملڪ ۽

اسسٽنٽ ڪمشنر نيو سکر گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول نيو پنڊ جو دورو

بشريٰ منصور هلندڙ ساليانه امتحانن دوران امن امان جي مجموعي صورتحال جو جائزو ورتو

سيڪيورٽي انتظامن تي اطمينان جو اظهار، چوڌاري مڪمل نگراني برقرار رکڻ جي هدايت

سکر(بيورو رپورٽ) ڪمشنر سکر ڊويزن سکر عابد سليم قريشي جي خاص هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر نيو سکر بشريٰ منصور گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول نيو پنڊ سکر جو تفصيلي دورو ڪري هلندڙ ساليانه امتحانن دوران امن امان جي مجموعي صورتحال جو جائزو ورتو.دوري دوران اسسٽنٽ ڪمشنر اسڪول جي ٻاهران ۽ اندر مقرر ڪيل پوليس اهلڪارن جي ڊيوٽي جو جائزو ورتو ۽ سيڪيورٽي انتظامن تي اطمينان جو اظهار ڪيو. هن عملي کي هدايت ڪئي ته هو امتحاني مرڪز جي چوڌاري مڪمل نگراني برقرار رکن ته جيئن ڪنهن به اڻ وڻندڙ واقعي کي روڪي سگهجي. بشريٰ منصور سيڪشن 144 تحت لاڳو پابندين جو پڻ جائزو ورتو جنهن ۾ فوٽو ڪاپي مشينن جي استعمال تي مڪمل پابندي شامل هئي. هن واضح ڪيو ته امتحانن دوران نقل جي روڪٿام لاءِ اهڙا قدم انتهائي ضروري آهن ۽ ڪنهن به قسم جي خلاف ورزي برداشت نه ڪئي ويندي.دوري دوران ڪجهه شاگردن وٽان موبائل فون به هٿ ڪيا ويا، جيڪي ضبط ڪري اسڪول جي پرنسپال حوالي ڪيا ويا. هن شاگردن کي پڻ تنبيهه ڪئي ته هو امتحاني ضابطن تي سختي سان عمل ڪن ۽ ڪنهن به غير قانوني عمل کان پاسو ڪن. آخر ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر لاڳاپيل عملدارن اسڪول انتظاميا ۽ پوليس کي هدايت ڪئي ته هو حڪومت پاران جاري ڪيل ايس او پيز تي مڪمل طور عمل ڪن ۽ امتحانن کي پرامن ۽ شفاف ماحول ۾ منعقد ڪرڻ کي يقيني بڻائن.

سنڌ پيپلز يوٿ جو اڳوڻو صدر امجد بلوچ ٽنڊوالهيار پهتو

پ پ پ ضلعي جنرل سيڪريٽري جي وفات تي وارثن سان تعزيت

ٽنڊوالهيار(د ر) پيپلز يوٿ سنڌ جو اڳوڻو صدر امجد بلوچ ٽنڊوالهيار ويجهو ڳوٺ عبدالله ڪنڀار پهچي پ پ پ ضلعي جنرل سيڪريٽري ماضي غلام محمد ڪنڀار

ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي ڪيس هميشه سنهري لفظن ۾ ياد ڪيو ويندو ماضي ڪنڀار هڪ نظرياتي ماڻهو هو جيڪو آخر تائين ڀٽو ازم سان سلهاڙيل

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پهلوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع - پهرين اپريل 2026ع

وچ اوڀر ۾ جنگي ڇڪتاڻ: سفارتڪاري يا طاقت جو امتحان؟

آمريڪا، ايران ۽ اسرائيل وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ سڄي دنيا جي معاشي ۽ سياسي توازن کي متاثر ڪري رهي آهي. موجوده صورتحال ۾ هڪ پاسي سفارتڪاريءَ جون ڳالهيون هلي رهيون آهن ته ٻئي پاسي فوجي ڪارروائيون به جاري آهن. هي سٽون لکڻ وقت ميڊيا تي اِها خبر رپورٽ ٿي رهي هُئي ته مريڪا ٻه هزار پائونڊ وزني بنڪر بسٽر بم سان ايران تي حملو ڪيو آهي، جنهن جي وڊيو خود امريڪي صدر ٽرمپ شيئر ڪئي آهي جنهن سان عالمي امن لاءِ خطرا اڃائي وڌي رهيا آهن. جيتوڻيڪ امريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي بيانن مان ظاهر ٿئي ٿو ته هو هڪ پاسي ايران سان ڳالهين کي ترجيح ڏئي رهيو آهي ته ساڳئي وقت فوجي آپشن کي به رد نٿا ڪن. وائٽ هائوس طرفان اهو به اشارو ڏنو ويو آهي ته ايران سان ممڪن جنگ جي خرچن کي پورو ڪرڻ لاءِ عرب ملڪن کان مالي مدد وٺڻ تي غور ٿي رهيو آهي. جيڪو علائقي ۾ نئين سياسي تڪرار کي جنم ڏئي سگهي ٿو. اهڙي پاليسي نه رڳو عرب دنيا لاءِ حساس آهي، پر اهو سوال به پيدا ڪري ٿي ته ڇا امريڪا پنهنجي جنگي حڪمت عمليءَ جو بار ٻين ملڪن تي وجهڻ چاهي ٿو؟ هوڏانهن ايران واضح طور تي آمريڪي تجويزن کي ”غيرحقيقي ۽ بيوقوفي“ قرار ڏئي رهيو آهي. ايران جو موقف آهي ته هو فوجي جارحيت جو شڪار آهي ۽ سندس سموريون ڪوششون پنهنجي دفاع تي مرڪوز آهن. ايران پاران آبنائي هرمز مان گذرندڙ جهازن تي ٽول ٽيڪس لڳائڻ ۽ ايٽمي عدم پکيڙ واري معاهدي مان نڪرڻ تي غور ڪرڻ جهڙا قدم عالمي سطح تي ڳڻتي وڌائين ٿا. آبنائي هرمز دنيا جي تيل جي فراهميءَ لاءِ اهم رستو آهي جنهن جي بندش عالمي توانائي مارڪيٽ ۾ شديد بحران پيدا ٿي سگهي ٿو اسرائيل ۽ ايران وچ ۾ سڌي فوجي ڇڪتاڻ به تيزيءَ سان وڌي رهي آهي. تهران ۽ ٻين شهرن تي بمباري، جڏهن ته جواب ۾ ايران پاران اسرائيل جي صنعتي علائقن کي نشانو بڻائڻ صورتحال کي وڌيڪ خطرناڪ بڻائي رهيو آهي. تهران ۽ حيفا جهڙن شهرن ۾ ٿيندڙ حملن جا اثر عام شهرين تي به پئجي رهيا آهن. زخمين جو وڌندڙ انگ ۽ بنيادي ڍانچي کي نقصان انساني بحران جو اشارو ڏئي ٿو.

هن صورتحال کان پاڻ کي محفوظ رکڻ لاءِ علائقي جا ٻيا ملڪ به ڪوشش ڪري رهيا آهن. برطانيا جي وزيراعظم ڪيئر اسٽارمر صاف لفظن ۾ چيو آهي ته هي سندن جنگ ناهي جڏهن ته اسپين پنهنجون فضائي حدون بند ڪري چڪو آهي. اهڙي طرح عرب ملڪن ۾ به معاشي دٻاءُ وڌي رهيو آهي. اردن طرفان سرڪاري خرچن ۾ گهٽتائي ۽ توانائي بچت جا قدم ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته جنگ جا اثر سڄيءَ طرح علائقي جي معيشتن تي پئجي رهيا آهن. ساڳئي وقت سفارتي سرگرميون به جاري آهن. پاڪستان جو ڪردار هن سلسلي ۾ اهميت اختيار ڪري رهيو آهي. جتي نائب وزيراعظم اسحاق ڊار چين جي دوري تي ويل آهي ۽ علائقائي صورتحال تي ڳالهيون ٿيئيون آهن. چين جي شموليت پڻ اهم آهي. ڇو ته اهو عالمي سياست ۾ هڪ وڏو اثر رکندڙ ملڪ آهي ۽ هو ڪنهن به تڪرار کي گهٽائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. سعودي عرب، قطر ۽ اردن جي قيادت جي ملاقاتن مان پڻ اهو ظاهر ٿئي ٿو ته عرب دنيا هن بحران کي گهٽائڻ لاءِ سنجيده آهي. محمد بن سلمان، شيخ تميم بن حمد آل ثاني ۽ شاهه عبدالله ثاني جي ملاقاتن ۾ امن ۽ استحڪام تي زور ڏنو ويو. جيڪو هڪ مثبت اشارو آهي. مصر جي صدر عبدالفتاح السيسي جو بيان به اهميت رکي ٿو جنهن ۾ هن آمريڪا کي اپيل ڪئي ته هو جنگ بند ڪرائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. هن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن جنگ جاري رهي ته تيل جون قيمتون 200 ڊالر في بيرل تائين پهچي سگهن ٿيون. جو عالمي معيشت لاءِ هڪ وڏو ڌڪ هوندو.

موجوده صورتحال مان اهو صاف ظاهر آهي ته جنگ ڪنهن به مسئلي جو حل ناهي. جيڪڏهن آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهين جو عمل ڪامياب نٿو ٿئي ته ان جا نتيجا صرف علائقي تائين محدود نه رهندا. پر سڄي دنيا کي متاثر ڪندا. اهڙي وقت ۾ عالمي قوتن کي ذميواريءَ کان ڪم وٺندي سفارتڪاريءَ کي ترجيح ڏيڻ گهرجي. ڇو ته وچ اوڀر جو امن صرف فوجي طاقت سان نه پر سياسي دانائي، سفارتي حڪمت عملي ۽ باهمي احترام سان ئي ممڪن آهي. جيڪڏهن عالمي اڳواڻ هن موقعي تي صحيح فيصلا نه ڪيا ته هي تڪرار هڪ وڏي جنگ ۾ تبديل ٿي سگهي ٿو جنهن جا اثر نسلن تائين محسوس ڪيا ويندا.

پاڪستان ۾ ڏاڍائين جا ڪيس: انصاف ڏکيو ڇو؟

ايڊيٽوريل ڊيسڪ

پاڪستان ۾ عورتن ۽ ڇوڪرين خلاف جنسي تشدد هڪ انتهائي حساس پيچيده ۽ سماجي طور تي ڏٻيل مسئلو رهيو آهي. گذريل ڪجهه سالن دوران رياست پاران قانوني سطح تي اهم قدم کنيا ويا آهن جن ۾ ريپ بابت قانونن کي وڌيڪ واضح ڪرڻ سزائن کي سخت ڪرڻ ۽ فاسٽ ٽريڪ عدالتن جو قيام شامل آهي. پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته تازين رپورٽن مان ظاهر ٿئي ٿو ته اهي سڌارا عملي طور تي متاثر ماڻهن جي زندگين ۾ ڪا وڏي تبديلي آڻڻ ۾ ناڪام رهيا آهن.

عالمي تنظيم (Equality Now) جي تازي رپورٽ هن تلخ حقيقت کي بي نقاب ڪري ٿي ته پاڪستان ۾ جنسي زيادتيءَ جي ڪيسن ۾ سزا جي شرح رڳو 0.5 سيڪڙو آهي جيڪا انصاف جي نظام جي ڪمزوريءَ جو واضح ثبوت آهي سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته جڏهن قانون موجود آهن ته پوءِ انصاف تائين پهچ ايتري ڏکي ڇو آهي؟

ان جو پهريون ۽ اهم سبب قانونن تي ڪمزور عملدرآمد آهي. اسان جي ملڪ ۾ اڪثر سٺا قانون ته ناهيا وڃن ٿا پر انهن کي لاڳو ڪرڻ لاءِ نه مناسب وسيلن جو بندوبست ڪيو ويندو آهي ۽ نه ئي لاڳاپيل ادارن جي تربيت تي ڌيان ڏنو ويندو آهي. پوليس کان وٺي پراسيڪيوٽر ۽ عدالتن تائين ڪيترن ئي عملدارن وٽ جنسي ڏوهن بابت جديد قانوني ڄاڻ جي کوٽ آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيسن کي پراڻين ۽ محدود تشريحن تحت ڏٺو وڃي ٿو.

ٻيو وڏو مسئلو شاهدي گڏ ڪرڻ جي نظام سان لاڳاپيل آهي. جديد دور ۾ ڊي اين اي ۽ ٻين سائنسي ثبوتن کي ڪيسن ۾ اهم حيثيت حاصل آهي پر پاڪستان ۾ اڃا تائين ان شعبي ۾ وڏيون خاميون موجود آهن. ڪيترن ئي علائقن ۾ نه مناسب ليبارٽريون موجود آهن ۽ نه ئي تربيت يافته عملو. جنهن سبب اهم ثبوت ضايع ٿي وڃن ٿا. ان کان علاوه پوليس اڪثر صرف طبعي شاهدي تي ڀاڙي ٿي ۽ ٻين اهم پاسن کي نظرانداز ڪري ٿي، جنهن سان ڪيس ڪمزور ٿي وڃي ٿو.

سماجي رويا پڻ انصاف جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ بڻيل آهن. اسان جي معاشري ۾ اڃا تائين متاثر ماڻهن کي ئي شڪ جي نظر سان ڏٺو وڃي ٿو ۽ کين الزام ڏنو وڃي ٿو. عدالتن ۾ به ڪڏهن ڪڏهن اهڙا سوال پڇيا وڃن ٿا، جيڪي متاثر ماڻهن جي عزت ۽ نفس کي مجروح ڪن ٿا. اهڙي ماحول ۾ ڪيترائي متاثر ماڻهو ڪيس داخل ڪرائڻ کان ئي ڪيٻائين ٿا، جنهن سان انصاف جو عمل شروع ٿيڻ کان اڳ ئي ختم ٿي وڃي ٿو.

ان کان علاوه عدالت کان مٿانهان ٿيندڙ غيرقانوني ناهه يا نبيرو وغيره پڻ هڪ سنگين مسئلو بڻيل آهي. بااثر ماڻهو يا ڌريون دٻاءُ ذريعي متاثر خاندانن کي ناهه تي مجبور ڪن ٿيون، جنهن سان نه رڳو ڏوهاري بچي وڃن ٿا پر سماج ۾ غلط پيغام پڻ وڃي ٿو ته طاقتور ماڻهن لاءِ قانون نه آهي.

متاثر ماڻهن جي سهائتا يا خدمتن جي کوٽ به هڪ اهم مسئلو آهي. قانون موجب متاثر ماڻهن کي قانوني مدد، نفسياتي سهائتا، طبعي علاج ۽ محفوظ رهائش فراهم ٿيڻ گهرجي پر عملي طور تي اهي سهولتون خاص طور تي ننڍن شهرن ۽ ڳوٺاڻن علائقن ۾ ناممڪن بڻيل آهن. نتيجي طور متاثر ٿيل پاڻ کي اڪيلو ۽ غير محفوظ محسوس سمجهن ٿا، جنهن سان انهن جي ذهني ۽ جسماني تڪليف وڌي وڃي ٿي.

پٺتي پيل طبقن سان واسطو رکندڙ عورتون ۽ ڇوڪريون وڌيڪ خطرن کي منهن ڏين ٿيون. خاص طور تي اقليتي برادرين سان تعلق رکندڙ ڇوڪريون اغوا، جبري مذهب تبديلي ۽ ننڍي عمر ۾ شادي ٿيڻ جهڙن مسئلن جو شڪار ٿين ٿيون. ساڳي طرح معذور عورتون به عام عورتن جي ڀيٽ ۾ گهڻو وڌيڪ خطري ۾ هونديون آهن. جيڪو اسان جي سماجي تحفظ جي نظام جي ناڪاميءَ کي ظاهر ڪري ٿو.

قانوني سطح تي به ڪجهه اهم خال موجود آهن. مثال طور ازدواجي زيادتيءَ کي واضح طور ڏوهه قرار نه ڏيڻ هڪ وڏو مسئلو بڻيل آهي، جنهن سبب گهڻا ڪيس رپورٽ ئي نٿا ٿين. اهڙيءَ طرح ٻارن جي شادي بابت مختلف صوبن ۾ مختلف قانون هجڻ سبب قانوني مونجهارو پيدا ٿئي ٿو، جنهن جو نقصان سڌو سنئون ڇوڪرين کي ٿئي ٿو.

رپورٽ ۾ Sehar Bandial ۽ Jacqui Hunt جهڙن ماهرن پڻ ان ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته پاڪستان ۾ قانونسازيءَ ۾ اڳڀرائي ضرور ٿي آهي پر هاڻي اصل ضرورت انهن قانونن تي مؤثر عملدرآمد جي آهي. ان لاءِ نه رڳو وسيلن جي فراهمي ضروري آهي پر احتساب جو هڪ مضبوط نظام به قائم ڪرڻو پوندو.

ان پسمنظر ۾ حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کي ڪجهه اهم قدم کڻڻ گهرجن پهريون پوليس پراسيڪيوٽرز ۽ ججن لاءِ باقاعده تربيت جو بندوبست ڪيو وڃي ته جيئن هو جديد قانوني تقاضائن کي سمجهي سگهن. ٻيو شاهدي گڏ ڪرڻ جي نظام کي جديد بڻايو وڃي ۽ ڊي اين اي ليبارٽرين جي تعداد ۾ اضافو ڪيو وڃي. ٽيون متاثر ماڻهن لاءِ هڪ ئي هنڌ سڀ سهولتون مهيا ڪرڻ واري نظام کي عملي طور تي لاڳو ڪيو وڃي.

جنگي صورتحال ۾ پاڪستان جو ٽياڪڙيءَ وارو ڪردار

شاهد ڪاظمي

اسلام آباد، جيڪو ملڪ جو گاديءَ وارو هنڌ آهي، اتي ڇهن اسلامي ملڪن جي پرڏيهي وزيرن جو هڪ اهم مشاورتي اجلاس ان وقت ٿيو، جڏهن سڄو وچ اوڀر (مڊل ايسٽ) جنگ جي باهه ۾ سڙي رهيو آهي. امريڪا ۽ اسرائيل طرفان ايران تي حملا ڪرڻ ۽ پوءِ ايران طرفان جوابي وار ڪرڻ سبب حالتون ايترديون ته ڳنڀير ٿي ويون آهن جو لڳي ٿو دنيا ڪنهن وڏي عالمي جنگ جي ويجهو پهچي وئي آهي. انهن حالتن کي ڏسندي سڄي دنيا جون نظرون پاڪستان تي لڳل آهن، ڇو ته اهو اجلاس پاڪستان جي ميزبانيءَ ۾ ٿي رهيو آهي. ماڻهن کي اميد آهي ته هتي ڪي اهڙا فيصلا يا ڳالهيون نڪرنديون جيڪي جنگ کي روڪڻ ۾ مدد ڏينديون. جيڪي خبرون آيون آهن، انهن موجب هن اجلاس جون شروعاتي ڳالهيون امريڪا ۽ ايران ٻنهي سان شيئر ڪيون ويون آهن ۽ انهن جا نتيجا به هاڪاري پيا لڳن. هن ڳالهائي جو اصل مقصد اِهو هو ته هلندڙ جنگ دوران اهڙا رستا ڳوليا وڃن، جن سان هن ويڙهه کي روڪي سگهجي. سٺي ڳالهه اِها آهي ته انهن ڳالهين کي نه رڳو امريڪا، پر ايران به سپورٽ ڪري رهيو آهي. پاڪستان جو پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ٻنهي ملڪن سان لاڳيتو رابطي ۾ رهيو آهي، جنهن مان لڳي ٿو ته ڳالهين جي شروعاتي رٿا هاڻي صاف نظر اچڻ لڳي آهي. اِها ڳالهه بلڪل صاف آهي ته جنگ ڪڏهن به مسئلن جو حل ناهي ٿيندي، نه ئي جنگ ذريعي ڪو پنهنجو خيال يا طاقت ٻين تي مڙهي سگهجي ٿو. جيڪڏهن وچ اوڀر جي حالتن کي غور سان ڏٺو وڃي ته اتي جنگ جي باهه ايتري تيزي سان پکڙجي رهي آهي جو اها ڪنهن به وقت وڏي عالمي جنگ ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي. هاڻي مختلف ملڪ پنهنجا نوان ساٿي ڳولي رهيا آهن. روس ۽ يوڪرين وارو تڪرار به وڌيڪ خراب ٿي سگهي ٿو، ڇو ته يوڪرين جو صدر به هن وڏي جنگ ۾ شامل ٿيڻ جا اشارا ڏئي رهيو آهي. جيڪڏهن ائين ٿيو ته روس به خاموش نه ويهندو. ان کان علاوه يمن جي خراب حالت، لبنان ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ ۽ سعودي عرب ۽ متحده عرب امارات وچ ۾ اختلاف، اِهي سڀ ڳالهيون سڄي علائقي کي وڏي تباهي ڏانهن وٺي وڃي سگهن ٿا. هاڻوڪي عالمي حالتن ۾، خاص ڪري هن علائقي ۾، وڏن ملڪن جهڙوڪ روس، چين ۽ ڀارت جون نظرون خاص ڪري پاڪستان تي آهن. ڀارت خاص طور تي ڪوشش ڪندو ته پاڪستان کي هن اهم ڪردار مان ڀري ڪيو وڃي، ڇو ته آپريشن سندور جي ناڪامي کانپوءِ هو پنهنجي حيثيت بچائڻ چاهي ٿو. پر پاڪستان حيرت انگيز طور جنگ ۾ ٿيو ڏيڻ بدران پاڻ کي هڪ مضبوط صلح ڪرائيندڙ ملڪ طور مڃرايو آهي، جنهن کي امريڪا ۽ ايران به تسليم ڪري رهيا آهن.

اسلام آباد ۾ جيڪا ڳالهائي ٿي، اِها رڳو هڪ عام ملاقات نه هُئي، پر اصل ۾ اِها پاڪستان جي عزت ۽ حيثيت جو مظاهرو هو. جيڪو هاڻي سڄي دنيا ۾ مڃيو وڃي پيو. هنن واقعن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته عالمي سطح تي هلندڙ صف بندي ۾ پاڪستان پنهنجي جاءِ مضبوط ڪري چڪو آهي ۽ اڳتي هلي به ان جو ڪردار وڌيڪ اهم ٿيڻ وارو آهي. هر گذرندڙ ڏينهن سان علائقائي ۽ عالمي طاقتن جو پاڪستان تي اعتماد وڌندو پيو وڃي. پر هن صلح ڪرائڻ واري عمل ۾ خليجي ملڪ هڪ عجيب مونجهاري ۾ ڦاٿل آهن ۽ کين واضح فيصلا ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿي رهي آهي. جيڪڏهن پاڪستان انهن ملڪن کي صحيح فيصلو ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو ته اها پاڪستان لاءِ وڏي ڪاميابي ٿيندي. لڳ ڀڳ سڀني خليجي ملڪن ۾ امريڪا جا فوجي اڏا موجود آهن ۽ ايران انهن اڏن تي حملا ڪرڻ کي پنهنجو حق سمجهي ٿو. جڏهن ته خليجي ملڪ انهن حملن کي پنهنجي ملڪ تي حملو سمجهن ٿا. انهيءَ ڪري ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻئي خلاف ڌمڪيون به ڏنيون وڃن ٿيون. اهي امريڪي اڏا فوري طور ختم نٿا ٿي سگهن، ڇو ته امريڪا ۽ انهن ملڪن وچ ۾ پراڻو ۽ مضبوط ساٿ موجود آهي. ٻئي پاسي جيڪڏهن خليجي ملڪ سڌو سنئون هن جنگ ۾ شامل ٿي وڃن ٿا، ته پوءِ ايران لاءِ حالت 'ماريا مر' جهڙي ٿي ويندي، يعني هُو به سخت جواب ڏيڻ تي مجبور ٿيندو. ايران جڏهن خليجي ملڪن ۾ موجود امريڪي اڏن تي جوابي حملا ڪري ٿو، ته ان جو اثر سڌو انهن ملڪن تي پوي ٿو. نه رڳو انهن جي امن امان واري صورتحال متاثر ٿئي ٿي، پر انهن جي معيشت کي به وڏو نقصان پهچي ٿو. ڪيترن خليجي ملڪن هاڻي تيل کان وڌيڪ سياحت تي ڀاڙڻ شروع ڪيو آهي، پر ايران جي حملن سبب انهن جي سياحت واري منصوبن کي به سخت ڌڪ لڳو آهي. عالمي ميڊيا ۾ اهو به چيو پيو وڃي ته سعودي عرب جو ولي عهد شايد امريڪي اڳواڻ ٽرمپ کي جنگ جاري رکڻ لاءِ چئي رهيو آهي. جيڪا هڪ دلچسپ ڳالهه آهي. ڇو ته خليجي ملڪ اِهو سمجهن ٿا ته جيڪڏهن جنگ ختم ٿي وئي، ته ايران وڌيڪ مضبوط ٿي نڪرندو. جيڪو انهن جي مفادن لاءِ خطرو ٿي سگهي ٿو. انهيءَ ڪري هو هن صورتحال کي پنهنجي نظر سان ڏسي رهيا آهن. اهڙين حالتن ۾ پاڪستان جو ڪردار تمام گهڻو اهم ٿي ويو آهي. پاڪستان، هڪ ميزبان ملڪ هجڻ جي حيثيت ۾، سڀني ڌرين وچ ۾ اعتماد پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو ۽ خاص طور سعودي عرب ۽ ايران جي وچ ۾ پل جو ڪم ڪري سگهي ٿو. اسحاق ڊار اڳ ئي ايران جي نمائندي عباس عراقچي ۽ امريڪا سان به هن معاملي تي ڳالهيون ڪري چڪو آهي، تنهن ڪري ايندڙ ڏينهن ۾ پاڪستان جي اهميت وڌيڪ واضح نظر ايندي.

پاڪستان هڪ پاسي ايران کان لکت ۾ اهڙي ضمانت وٺڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿو ته هُو خليجي ملڪن خلاف پنهنجون ڪارروايون روڪي ڇڏيندو. ٻئي پاسي، خليجي ملڪن کي به واعدو ڪرڻو پوندو ته اُهي پنهنجي زمين ايران خلاف استعمال ٿيڻ نه ڏيندا. هتي اڄجي صورتحال وڌيڪ ڏکي ۽ ڳنڀير ٿي وڃي ٿي، ڇو ته اهو معاملو سادو ناهي. خليجي ملڪن ۾ امريڪا جا فوجي اڏا اڳ ئي موجود آهن ۽ اُهي هڪ حقيقت آهن. جن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. اِهي اڏا امريڪا جي پاليسي تحت هلن ٿا. بحرين، قطر، متحده عرب امارات ۽ ڪويت جهڙن ملڪن ۾ امريڪي فوجي سهولتون موجود هجڻ مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته هن علائقي ۾ امريڪا جو اثر ڪيترو مضبوط آهي. اهڙي حالت ۾ اِهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته خليجي ملڪ پنهنجي زمين کي ايران خلاف استعمال ٿيڻ کان ڪيئن روڪي سگهندا. جڏهن ته انهن جو پنهنجو دفاعي نظام به انهن ئي اڏن تي گهڻو دارومدار رکي ٿو. اِهو هڪ اهڙو سوال آهي، جنهن جو جواب سولو ناهي ۽ اهو ئي هن بحران جي اصل پيچيدگي آهي. هڪ طرف خليجي ملڪ پنهنجي سلامتي لاءِ امريڪا تي ڀاڙين ٿا ۽ ٻئي طرف هو ايران سان سڌي ٽڪراءَ کان به بچڻ چاهين ٿا. هن ٻنهي ڳالهين ۾ توازن قائم رکڻ تمام ڏکيو ڪم آهي. ايران ۽ خليجي ملڪن جي وچ ۾ ڀروسو نه هجڻ به هڪ وڏو مسئلو آهي. ٻئي ڌريون هڪ ٻئي تي شڪ ڪن ٿيون ۽ اِهو شڪ ئي تڪرار کي وڌيڪ وڌائي ٿو. جيڪڏهن اِها بي اعتمادي ختم ٿي وڃي، ته هن علائقي ۾ امن جا امڪان وڌي سگهن ٿا. هن حوالي سان سعودي عرب جو ڪردار تمام اهم آهي. سعودي عرب نه رڳو خليجي ملڪن جو هڪ اهم ملڪ آهي، پر ان جو اثر به تمام گهڻو آهي. جيڪڏهن سعودي عرب ۽ ايران وچ ۾ لاڳاپا بهتر ٿين ٿا، ته ان جا سٺا اثر سڄي علائقي تي پوندا. گذريل ڪجهه سالن ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ بهتري جا ڪجهه اشارا ڏسڻ ۾ آيا هئا، پر هاڻوڪي ڇڪتاڻ انهن ڪوششن کي متاثر ڪيو آهي. هاڻي ضرورت آهي ته انهن ڪوششن کي ٻيهر شروع ڪيو وڃي ۽ ڀروسو وڌائڻ واري عمل کي اڳتي وڌايو وڃي.

اِها به هڪ صاف حقيقت آهي ته جيڪڏهن هن علائقي ۾ موجود امريڪي فوجي اڏن تان ايران تي حملا جاري رهندا ۽ ايران به انهن جو جواب ڏيندو رهندو ته پوءِ اِها ڇڪتاڻ هڪ اهڙي نه ختم ٿيندڙ چڪر ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي، جيڪا لڳاتار وڌندي رهندي. ان جو سڀ کان وڏو نقصان خليجي ملڪن کي ٿيندو، ڇو ته اهي اڏا انهن جي پنهنجي زمين تي آهن. اهڙي حالت ۾ نه رڳو انهن جي سيڪيورٽي خطري ۾ پوندي، پر انهن جي معيشت به سخت متاثر ٿي سگهي ٿي. سمجهداري اِن ۾ ئي آهي ته هن ڇڪتاڻ کي جلد کان جلد گهٽايو وڃي. جيڪڏهن جنگ جو دائرو وڌيڪ وڌي ويو ته ان جا اثر صرف هن علائقي تائين محدود نه رهندا، پر سڄي دنيا تي پوندا. تيل جون قيمتون وڌنديون، عالمي واپار ۾ رڪاوٽون اينديون ۽ مهانگائي وڌندي. اهي سڀ مسئلا دنيا جي هر ملڪ کي متاثر ڪري سگهن ٿا. پاڪستان، ترڪي، مصر ۽ سعودي عرب پاران جيڪي سفارتي ڪوششون ٿي رهيون آهن، اهي انهيءَ ڪري تمام اهم آهن. اِهو هڪ اهڙو موقعو آهي، جيڪو هٿ مان وڃائڻ نه گهرجي. جيڪڏهن هن موقعي کي صحيح نموني استعمال ڪيو ويو، ته نه صرف هن جنگ کي روڪي سگهجي ٿو، پر هن علائقي ۾ ڊگهي عرصي لاءِ امن جو بنياد به وڌو وڃي سگهي ٿو. آخر ۾ اِهو چوڻ بلڪل درست آهي ته وچ اوڀر هن وقت هڪ انتهائي نازڪ موڙ تي بيٺو آهي. هڪ رستو جنگ ۽ تباهي ڏانهن وڃي ٿو، جڏهن ته ٻيو رستو امن ۽ استحڪام ڏانهن وٺي وڃي ٿو. هاڻي فيصلو انهن ملڪن جي هٿ ۾ آهي، جيڪي هن علائقي جي مستقبل بابت فيصلا ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن هنن عقل ۽ سمجهداري سان ڪم ورتو ته هي علائقو روشن مستقبل ڏانهن وڌي سگهي ٿو نه ته تاريخ وري ساڳئي طرح پاڻ کي ورجائيندي. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته هوش ۽ حڪمت سان فيصلا ڪيا وڃن، اختلافن کي ڳالهين ذريعي حل ڪيو وڃي ۽ هن علائقي کي هڪ ٻي وڏي جنگ جي ڪناري تان واپس آندو وڃي، ڇو ته جنگ ڪنهن جي به فائدي ۾ ناهي، ۽ امن ئي اهو رستو آهي جيڪو سڀني لاءِ بهتر آهي.

اڄ جيڪڏهن ذوالفقار علي ڀٽو زنده هجي ها!

محمد خان ابڙو

4 اپريل پاڪستان جي تاريخ جو اهو ڏينهن آهي، جيڪو رڳو هڪ عدالتي فيصلي جي ياد نه پر هڪ نظريي، هڪ مزاحمت ۽ قومي خودداري جي علامت طور هميشه زنده رهندو. اِهو اُهو ڏينهن آهي، جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو کي اسان کان جدا ڪيو ويو، پر سندس سوچ، سياسي بصيرت ۽ ڏنل شعور اڄ به پاڪستان جي سياست ۾ زنده آهي. هن سال جڏهن سندس ورسي ويجهو آهي ته اِهو سوال وڌيڪ اهم ٿي وڃي ٿو ته جيڪڏهن ڀٽو اڄ زنده هجي ها ۽ دنيا ايران، اسرائيل ۽ امريڪا جي وچ ۾ ممڪن ٽڪراءَ جي ڪناري تي بيٺل هجي ها، ته پوءِ پاڪستان جو ڪردار ڇا هجي ها؟

اِها هڪ حقيقت آهي ته ڀٽو صاحب پاڪستان کي رڳو اندروني سطح تي نه، پر عالمي سطح تي به هڪ باوقار سڃاڻپ ڏني. سندس خيال هو ته پاڪستان کي ڪنهن به طاقت جي اثر هيٺ نه، پر هڪ خودمختيار رياست طور فيصلا ڪرڻ گهرجن. اڄ جڏهن ايران ۽ اسرائيل وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌي رهي آهي ۽ امريڪا هن خطي ۾ پنهنجي روايتي مداخلت جاري رکيو ويٺو آهي، ته پاڪستان لاءِ سڀ کان وڏو چئلينج اهو آهي ته هو ڪيئن پنهنجي قومي مفادن جو تحفظ ڪري. جيڪڏهن ڀٽو اڄ هجي ها، ته هُو ڪڏهن به پاڪستان کي ڪنهن جنگي بلاڪ جو حصو نه بڻجڻ ڏئي ها، پر هڪ سرگرم ۽ متوازن سفارتي ڪردار ادا ڪري ها.

ڀٽو صاحب جي پرڏيهي پاليسي جو بنيادي اصول اِهو هو ته پاڪستان کي مسلم دنيا سان مضبوط لاڳاپا رکڻ گهرجن، پر ان جو هرگز اِهو مطلب نه هو ته ملڪ پنهنجي خودمختياري گروي رکي ڇڏي. ايران سان اسان جا تاريخي، مذهبي ۽ جاگرافيائي لاڳاپا آهن ۽ ڀٽو صاحب انهن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جو حامي هجي ها. هُو يقيناً اِهو چاهي ها ته پاڪستان ايران سان گڏ بيهي، پر ساڳئي وقت اِهو به يقيني بڻائي ها ته ملڪ ڪنهن اهڙي ٽڪراءَ جو حصو نه بڻجي، جيڪو ان لاءِ معاشي يا فوجي نقصان جو سبب بڻجي.

ساڳي طرح اسرائيل بابت پاڪستان جو موقف هميشه اصولي رهيو آهي، جيڪو فلسطيني عوام جي حق خودارادیت جي حمايت ڪري ٿو. ڀٽو صاحب هن موقف جو سڀ کان وڏو داعي هو. جيڪڏهن اڄ هُو زنده هجي ها، ته عالمي سطح تي فلسطين جي حق ۾ هڪ مضبوط سفارتي مهم هلائي ها. جيئن هُن ماضي ۾ اسلامي سربراهي ڪانفرنس ذريعي مسلم دنيا کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيو هو. سندس مقصد اِهو هو ته هڪ متحد مسلم دنيا ئي عالمي سياست ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

اڄ جي حالتن ۾ آصف علي زرداري جي سياست ساڳي ڀٽو ازم جو تسلسل لڳي ٿي، جتي ٽڪراءَ بدران مفاهمت کي ترجيح ڏني وڃي ٿي. زرداري صاحب هميشه اها ڪوشش ڪئي آهي ته پاڪستان اندروني استحڪام حاصل ڪري، ڇو ته هُو ڄاڻي ٿو ته ڪمزور اندروني ڍانچو ڪنهن به ملڪ کي ٻاهرين دٻاءَ آڏو بي وس بڻائي ڇڏي ٿو. جيڪڏهن ڀٽو اڄ زنده هجي ها، ته هُو يقيناً زرداري جي هن حڪمت عملي کي ساراهي ها ۽ ان کي عالمي سطح تي به اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ها.

ساڳي طرح بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ پاڪستان جي سفارتڪاري هڪ نئين انداز سان سامهون آئي آهي. بلاول عالمي فورمن تي نه رڳو پاڪستان جو موقف پيش ڪيو آهي، پر فلسطين، اسلاموفوبيا ۽ علائقائي امن جهڙن اهم مسئلن تي به واضح ۽ بيباڪ موقف اختيار ڪيو آهي. جيڪڏهن ڀٽو اڄ زنده هجي ها، ته هُو بلاول جي هن جرئت ڀري سفارتڪاري کي وڌيڪ مضبوط ڪري ها ۽ کيس هڪ عالمي اڳواڻ طور اڀاري ها.

اِها به هڪ حقيقت آهي ته اڄ پاڪستان کي رڳو خارجي خطرن جو ئي نه، پر اندروني چئلينجز جو به منهن ڏسڻو پوي ٿو. جن ۾ معاشي مسئلا، سياسي بي استحڪامي ۽ سيڪيورٽي جا خطرا شامل آهن. ڀٽو صاحب جو مقصد اِهو هو ته عوام کي طاقت جو سرچشمو بڻايو وڃي ۽ اهو ئي فلسفو اڄ به پاڪستان جي ضرورت آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي به انهيءَ نظريي تحت عوامي ڀلائي، جمهوريت ۽ خودمختياري جي اصولن تي قائم آهي.

جيڪڏهن موجوده عالمي صورتحال جو جائزو ورتو وڃي ته اِهو واضح آهي ته هڪ وڏي جنگ جو خطرو منڊلائي رهيو آهي ۽ اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان لاءِ سڀ کان اهم ڳالهه اِها آهي ته هُو پنهنجي غيرجانبداري برقرار رکي. ڀٽو صاحب ڪڏهن به پاڪستان کي ڪنهن اهڙي جنگ ۾ نه اڇلائي ها، جيڪا ان جي مفاد ۾ نه هجي. هُو سفارتڪاري، ڳالهين ۽ علائقائي سهڪار ذريعي مسئلن جو حل ڳولڻ تي يقين رکندو هو.

اڄ اسان کي ساڳئي ڀٽو ازم جي ضرورت آهي، جتي پاڪستان هڪ ذميوار رياست طور عالمي امن لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. اسان کي نه رڳو پنهنجي علائقائي لاڳاپن کي بهتر بڻائڻو پوندو، پر عالمي سطح تي به هڪ متوازن ۽ باوقار پاليسي اختيار ڪرڻي پوندي. اِهو ئي رستو آهي جيڪو ڀٽو صاحب اسان کي ڏيکاريو هو ۽ اِهو ئي رستو اڄ به پاڪستان لاءِ سڀ کان مناسب آهي.

4 اپريل اسان کي اِهو سبق ڏئي ٿو ته اڳواڻ جسماني طور وڃائي سگهجن ٿا، پر انهن جا نظريا هميشه زنده رهندا آهن. پاڪستان پيپلز پارٽي اڄ به انهيءَ نظريي جي امين آهي ۽ آصف علي زرداري ۽ بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ ملڪ کي هڪ مستحڪم، خودمختيار ۽ باوقار رياست بڻائڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن.

جيڪڏهن ذوالفقار علي ڀٽو اڄ زنده هجي ها، ته شايد هُو اِهو ئي چوي ها ته پاڪستان کي پنهنجي طاقت پنهنجي عوام، پنهنجي خودمختياري ۽ پنهنجي دانشمندانه سفارتڪاري ۾ ڳولڻ گهرجي، نه ڪي ڪنهن ٻئي جي جنگ جو حصو بڻجي. اِهو ئي پيغام اڄ جي پاڪستان لاءِ سڀ کان اهم آهي ۽ اِها ئي سوچ اسان کي هڪ محفوظ ۽ روشن مستقبل ڏانهن وٺي وڃي سگهي ٿي.

اڄوڪو ڏينهن - پهرين اپريل

پڳت ڪيمچند آسناڻي

اڄ ٿر جي مشهور سماج سڌارڪ ۽ برک اديب پڳت ڪيمچند جي جنم جو ڏهاڙو آهي هن پهرين اپريل 1881ع تي مٺي شهر ۾ پيمون مل آسناڻيءَ جي گهر ۾ اکيون کوليون سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪرڻ کانپوءِ روينيو کاتي ۾ ڪلارڪ مقرر ٿيو ۽ 1936ع ۾ هيڊ منشيءَ طور رٽائر ٿيو پڙهڻ لکڻ ۽ سماجي ڪمن سان ننڍي هوندي کان ئي دلچسپي هئس هن ٿر جي غريب شاگردن جي مدد ۽ سهائتا لاءِ هڪ فنڊ قائم ڪيو ان کان علاوه وديا گهر، ڪسرت گاهون ۽ لائبريريون قائم ڪيون. نياڻين لاءِ مٺيءَ ۾ هنري سکيا جو هڪ مرڪز به قائم ڪيائين هن ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ 'پروليون'، 'برهم چاريه'، 'ٻوڙ دانڪ چٽڪا'، 'انسانيت ڇا کي چئجي' ۽ 'قدرتي جيون' شامل آهن مشهور ليکڪ ولي رام ولڀ هن جي آتم ڪٿا 'مون وٽ نڪا پيتي، نڪو ڪلف ڪنجي' ترتيب ڏئي ڇپرائي پڳت ڪيمچند 19 مارچ 1974ع تي هي جهان ڇڏيو.

محمد صديق مسافر



اڄ سنڌ جي برک اديب ۽ محنتي استاد محمد صديق مسافر جي جنم جو ڏينهن آهي هن کي نه فقط سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ جاگرافيءَ جي ڄاڻ هئي پر گڏوگڏ سنڌي گرامر ۽ رياضيءَ جهڙن مضمونن تي به مهارت حاصل هئس هن پهرين اپريل 1879ع تي بدين ضلعي جي شهر ٽنڊي باگي جي غريب پورهيت بلال شيديءَ جي گهر ۾ اکيون کوليون سنڌي ست درجا پڙهڻ کانپوءِ تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو هن پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو حصو ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ علم جي آبياري ڪندي گذاريو انهيءَ ئي اسڪول ۾ هن مسافر تخلص سان شاعري ڪرڻ شروع ڪئي هن جي شاعريءَ ۾ غزل، مثنويون، مسدس، گيت، نظم، قطعا، مناجاتون ۽ ڪافيون وغيره شامل آهن هن مرحوم غلام محمد شاهاڻيءَ کي مشهور فارسي ڪتاب گلستان بوستان جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ ۾ به مدد ڪئي هو ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد مان جاري ٿيندڙ رسلي 'اخبار تعليم' جو سڄا سارا 18 سال ايڊيٽر رهيو هن ڪيترائي ادبي مضمون پڻ لکيا، جن مان اڪثر اخبار تعليم ۾ ڇپيا هن سنڌ جي پرائمري اسڪولن لاءِ ڪيترائي درسي ڪتاب به لکيا 1920ع ڌاري خانبهادر غلام محمد ٽالپر پنهنجي شهر ٽنڊي باگي ۾ هاءِ اسڪول جو بنياد رکي محمد صديق مسافر کي انهيءَ اسڪول جو انچارج بڻايو محمد صديق جي محنت ۽ غلام محمد ٽالپر جي سرپرستيءَ ۾ اهو اسڪول سنڌ جي بهترين تعليمي ادارن ۾ شمار ٿيندو هو اڳتي هلي مير غلام محمد ٽالپر ٽنڊي باگي ۾ نياڻين لاءِ به هڪ اسڪول کوليو محمد صديق مسافر انهيءَ اسڪول سان به لاڳاپيل رهيو ۽ انهيءَ اسڪول ۾ پڙهائيندڙ ماستريائين کي تعليم ڏيڻ جي سکيا ڏيندو رهيو هن 25 کان مٿي ڪتاب لکيا هن انمول انسان 24 سيپٽمبر 1961ع تي دم ڌڻيءَ جي حوالي ڪيو.

محمد حنيف صديقي

هن مشهور قانوندان، ليکڪ ۽ مترجم جو جنم پهرين اپريل 1905ع تي شڪارپور ۾ محمد صالح صديقيءَ جي گهر ۾ ٿيو ابتدائي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪيائين ۽ مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين بي اي جو امتحان ڊي جي سنڌ ڪاليج مان پاس ڪيائين ان بعد ايل ايل بي جي سند حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات

ميمبر چونڊيو ويو. صديقي صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڊيڪيٽ جو ميمبر پڻ رهيو هن جي صلاح سان 1962ع ۾ 'سنڌ اڪيڊمي' نالي هڪ ادارو قائم ڪيو ويو. انهيءَ ئي اداري کي 1965ع ۾ 'انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي' نالو ڏنو ويو. انهيءَ لحاظ کان کيس سنڌالاجيءَ جو باني چئجي ته غلط نه ٿيندو. پاڻ سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جو سرگرم ميمبر پڻ هو. هن مختلف موضوعن تي ڪيترائي مقالا پڻ لکيا. هن ڪجهه ڪتاب ترجمو پڻ ڪيا، جن ۾ 'ٽالپرن جون يادگيريون'، 'سنڌ جي دربار'، 'سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون' ۽ 'سنڌ ۽ بلوچستان جو سير سفر' شامل آهن. سنڌ جو هيءُ املهه ماڻڪ 26 فيبروري 1976ع تي اسان کان هميشه لاءِ جدا ٿي ويو.

نياز همايوني



اڄ سنڌ جي قادر الڪلام شاعر ۽ مترجم مرحوم نياز همايونيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هو پهرين اپريل 1930ع تي شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ همايون ۾ ڄائو. سندس اصل نالو مشتاق علي نياز الدين ڪوري هو پر ادبي افق تي نياز همايوني جي نالي سان وهائو تارو بڻجي تڪري تروار ٿيو. سندس والد قائم الدين همايوني هڪ غريب هاري هو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي. ان بعد فارسي ۽ عربيءَ جي تعليم مختلف مدرسن مان حاصل ڪرڻ کانپوءِ حڪمت جو پيشو اختيار ڪيائين. اڳتي هلي شڪارپور ڇڏي حيدرآباد اچي وسايائين، جتي ڪجهه وقت طبي درسگاهن ۾ پڻ درس ڏنائين. کيس فارسي ٻوليءَ تي وڏي مهارت حاصل هئي. پاڻ مرڪزي اردو بورڊ حيدرآباد جو ڊائريڪٽر ۽ پاڪستان رائيٽرس گلڊ جو اڳواڻ رهيو. هو جميعت الشعراءِ ۽ سنڌي ادبي سنگت جو به ساٿاري رهيو. هن فارسيءَ جا ڪيترائي اهم ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا، جن ۾ 'تاريخ مظهر شاهجهاني' ۽ 'تاريخ طاهري' خاص اهميت رکن ٿا. هن شاهه جي شاعريءَ جو فارسي ٻوليءَ ۾ ترجمو پڻ ڪيو. هن حڪمت تي به ڪتاب لکيا. سندس شاعريءَ جي مجموعن مان 'ڌرتيءَ جا گيت' ۽ 'ساٿيهه جي سڪ' سنڌ ۾ گهڻو مقبول ٿيا. هن جي شاعريءَ ۾ غزل، گيت، لوڪ گيت، وايون، ڪافيون، دوها ۽ ٻيون صنفون شامل آهن. ڪجهه ڪتاب سنڌيءَ مان اردوءَ ۾ به ترجمو ڪيائين. هن سرموڙ ساهتڪار 3 جنوري 2003ع تي حيدرآباد ۾ دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

نسيم ٿيٻو



اڄ مشهور ليکڪا نسيم ٿيٻو جي جنم جو ڏينهن آهي. هوءَ پهرين پريل 1940ع تي شڪارپور ۾ پيدا ٿي. سندس والده بادام خاتون به هڪ مشهور ليکڪا هئي. هن ابتدائي تعليم دادو ضلعي جي ڳوٺ ڳاڙهيءَ مان حاصل ڪئي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان اقتصاديات ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪرڻ بعد اتي ئي ليڪچرار مقرر ٿي. اڳتي هلي اسسٽنٽ پروفيسر جو عهدو ماڻيائين ۽ 2000ع ۾ رٽائرمينٽ ورتائين. کيس ننڍي ڄمار کان ئي لکڻ جو شوق هو. اِها مئٽرڪ جي شاگرديائي هئي، جڏهن سندس پهرين ڪهاڻي 'ڳوڙهن جي ريکا' ڇپجي پڌري ٿي. اڳتي هلي هوءَ سنڌي ٻوليءَ جي برک ڪهاڻيڪارائن ۾ شمار ٿيڻ لڳي. هن لڳ ڀڳ 25 ڪهاڻيون لکيون، جيڪي ان وقت جي ساک وارن رسالن ۾ ڇپجي پڌريون ٿيون. سندس ڪهاڻين جو مجموعو 'اپرچنڊ پس پرين' ڇپجي چڪو آهي. هن

مختيار ائڙ

سنڌون حاصل ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات گورنمينٽ ڪاليج سانگهڙ مان ليڪچرار طور ڪيائين. مختلف ڪاليجن ۾ پڙهائڻ کانپوءِ ايسوسيئيٽ پروفيسر طور 2002ع ۾ رٽائر ٿيو. لکڻ جي شروعات ننڍپڻ کان ئي ڪيائين. هن مختلف موضوعن تي 13 ڪتاب تحرير ڪيا.

عطيه دائود

اڄ مشهور ليکڪا عطيه دائود جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو جنم پهرين اپريل 1958ع تي نوشهري فيروز ضلعي جي ڳوٺ مولڊني لاڙڪ ۾ ٿيو 1980ع ڌاري ادبي ميدان ۾ پير پاتائين سنڌي، انگريزي ۽ اردوءَ ۾ لکندي رهي آهي هوءَ 'روزاني هلال پاڪستان' ڪراچيءَ جي عورتن جي صفحي جي انچارج رهي پاڻ عورتن جي حقن لاءِ ڪافي پاڻ پتوڙيو آهي ۽ وومين ايڪشن فورم جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي سرگرم ميمبر رهي آهي هن ڏهن کان مٿي ڪتاب لکيا آهن

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو

اڄ مشهور ليکڪ ۽ محقق ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي جي جنم جو ڏينهن آهي هو پهرين اپريل 1961ع تي شڪارپور ۾ ڄائو هن پرائمري، ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪئي ان بعد سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين هن سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي هو 2013ع کان 2019ع تائين انهيءَ شعبي جو چيئرمين ۽ بعد ۾ آرٽس فيڪلٽيءَ جو ڊين رهيو اپريل 2021ع ۾ رٽائر ٿيو هو ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف ۽ مرتب آهي

ماهين آفتاب

اڄ مشهور شاعره، ڪمپيئر، ڊائريڪٽر ۽ پروڊيوسر ماهين آفتاب جي جنم جو ڏينهن آهي صحافي الطاف ميمڻ سان شادي ڪرڻ کان پهرين هوءَ ماهين هيسباڻيءَ جي نالي سان مشهور هئي سندس ڀيرون سنبرين هيسباڻي، صنم بلوچ ۽ غنويٰ بلوچ ۽ ڀاءُ فرحان بلوچ ۽ عباس بلوچ به ريڊيو ۽ ٽيليويزن سان لاڳاپيل آهن ماهين جي والده ماريا بلوچ به هڪ مشهور گلوڪارا رهي آهي ماهين جو جنم پهرين اپريل 1976ع تي نوشهري فيروز ضلعي جي شهر ٺارو شاهه ۾ ٿيو هن پرائمري تعليم ٺارو شاهه مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڀريا روڊ مان 1991ع ۾ پاس ڪيو هن ٻارهين ڪلاس جو امتحان زبيده ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيو اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان پبلڪ ايڊمنسٽريشن ۾ بئچلر ۽ ماسٽر ڊگري حاصل ڪيائين سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ دوران هوءَ مختلف تقريبن ۽ سماجي ۽ ادبي ڪچهرين ۾ ڀرپور حصو وٺندي رهي 2000ع ۾ سندس خاندان ڪراچيءَ ۾ وڃي رهيو جتي هن ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ايم اي جي سند حاصل ڪئي هن کي ڪراچي ٽيليويزن تي پروڊيوسر اقبال سعيد انصاريءَ متعارف ڪرايو، جتي هوءَ مختلف پروگرامن جي ميزبانيءَ سميت ٽيليويزن جي

رضيه موراڻي

اڄ سنڌ جي احساساتي ليکڪا رضيه موراڻيءَ جي سالگرهه جو ڏينهن آهي سنڌ جي مشهور شهر موري ۾ جنم وٺندڙ هن سڄاڻ ليکڪا ابتدائي تعليم مين پرائمري اسڪول موري مان حاصل ڪئي مئٽرڪ ۽ ٻارهين ڪلاس جا امتحان ترتيبوار موري جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج مان پاس ڪيائين اڳتي هلي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان بي اي ۽ ايم اي (اڪنامڪس) جون سندون حاصل ڪيائين ايم ايڊ جي سند به حاصل ڪئي اٿس هن مصر جي قاهره يونيورسٽيءَ مان عربي ٻوليءَ جو سرٽيفڪيٽ پڻ حاصل ڪيو هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات تعليم کاتي ۾ جونيئر اسڪول ٽيچر طور ڪئي ۽ اڄڪلهه 19هين گريڊ ۾ ڪم ڪري رهي آهي ادبي دنيا ۾ پاڻ هڪ مضمون نگار ۽ ڪالم نگار طور پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪئي آهي هن جا سياسي سماجي ۽ ادبي مضمون سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن جي سونهن بڻجندا رهيا آهن سندس لکڻين ۾ جمليت ۽ حساسيت نمايان طور نظر اچي ٿي

پير حسام الدين راشدي

اڄ سنڌ جي مشهور عالم، اديب، صحافي ۽ تاريخدان پير حسام الدين راشديءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن سرموڙ ساهتڪار ۽ دانشور جو جنم 20 سيپٽمبر 1911ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي تعلقي رتي ديري جي ڳوٺ بهمڻ ۾ ٿيو ان وقت جي دستور مطابق سنڌي، فارسي عربي انگريزي ۽ قرآن جي تعليم تر جي عالمن ۽ مشهور استادن کان خانگي طور حاصل ڪيائين ننڍپڻ کان ئي سندس لاڙو صحافت طرف رهيو هن پهريائين 'جاڳڻ' ۽ پوءِ ماهوار اخبار 'پيغام' جي نمائندي طور صحافتي سرگرمين جي شروعات ڪئي ان کانپوءِ مختلف اخبارن جي ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين جن ۾ 'سنڌ زميندار' ۽ 'ستاره سنڌ' اخبار شامل آهن هو رسلي 'المنار'، 'الراشد' ۽ آخر ۾ رسلي 'مهراڻ' جو ايڊيٽر رهيو پاڻ 1951ع کان عمر جي آخري حصي تائين سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر رهيو پاڻ لياقت نيشنل لائبريريءَ جي صلاحڪاري بورڊ جو ميمبر، اردو ڊولپمينٽ بورڊ جو ايڊيٽر، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڊيڪيٽ ۽ سينيٽ جو ميمبر، ريسرچ سوسائٽي آف پاڪستان جو ميمبر ۽ ٻين به ڪيترن ئي ادارن ۽ تنظيمن جو ميمبر رهيو هن ڪيترن ئي ملڪن جو سفر پڻ ڪيو هن لڳ ڀڳ 50 ڪتاب تصنيف ۽ ترجمو ڪيا، جيڪي سنڌي ادب جو هڪ وڏو سرمايو آهن هن املهه انسان پهرين اپريل 1982ع تي وفات ڪئي کيس مڪليءَ جي قبرستان ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي مزار جي احاطي ۾ دفنايو ويو

پروفيسر عبد الله خان مگسي

هن تعليمي ماهر ۽ ليکڪ اڄوڪي ڏينهن تي 1993ع ۾ وفات ڪئي هو 17 ڊسمبر 1947ع تي دادو تعلقي جي ڳوٺ گل محمد مگسيءَ ۾ ڄائو. مئٽرڪ ۽ انٽر جو امتحان دادوءَ مان پاس ڪيائين اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي اي ۽ ايم اي جون سندون حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات هڪ سرڪاري اداري ۾ ڪلارڪ طور ڪيائين پر پوءِ اها نوڪري ڇڏي ڪاليج ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو لکڻ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هئس سندس پهريون مضمون دادوءَ مان جاري ٿيندڙ هفتيوار اخبار شهباز ۾ ڇپيو هن ڪيترائي مضمون ۽ مقالا لکيا جيڪي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾